روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) خميس 17 آگسٽ 2023 ع بمطابق 29 محرم الحرام 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 81

گجرنالي متاثرين جي بحالي وارو معاملو: وڏي وزير مراد علي شاهه کي توهين عدالت جا نوٽيس جاري

گجرنالي متاثرين جي بحالي واري معاملي تي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ ٻين خلاف درخواست تي ٻڌڻي سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ ٿي

عدالت متاثرين جي بحالي لاءِ 2 سالن جو وقت ڏنو هو. ماهوار رپورٽ به جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي هئي: سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري

وڏي وزير جا هڪ ٻه ڏينهن رهجي ويا آهن ڪيس جيل اماڻي ڇا ڪنداسين. اوهان عمل چاهيو ٿا اسان به اهڙن ماڻهن ڏانهن حڪم جاري ڪندا آهيون جن مان ڪجهه حاصل ٿي سگهي

اسان سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمل چاهيون ٿا. هڪ ٻن ڏينهن دوران نگران حڪومت اچي ويندي انهن کان جواب طلب ڪنداسين: جسٽس محمد علي مظهر

عدالت سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه کي توهين عدالت جا نوٽيس جاري ڪندي چيف سيڪريٽري سنڌ، ڪمشنر ڪراچي ۽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ کي سڀاڻي طلب ڪري ورتو

ٻڌڻي جي موقعي تي گجرنالي جي متاثرين سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري جي ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاجي مظاهري ۾ اورنگي ۽ گجرنالي جي متاثرين ۾ ٻار، عورتون ۽ بزرگ شامل هئا

ڪراچي (م ڊ) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري گجرنالي متاثرين جي بحالي بابت ڪيس ۾ سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه کي توهين عدالت جا نوٽيس جاري ڪري ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو گجر نالي متاثرين جي بحالي واري معاملي تي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ ٻين خلاف درخواست تي ٻڌڻي سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ ٿي. سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

توهين مذهب مامرو، جڙانوالا ۾ گرجا گهر ساڙيا ويا: نگران وزيراعظم جو نوٽيس

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو جڙانواله واقعي جي ذميوارن کي گرفتار ڪري انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي: انوارالحق ڪاڪڙ

اقليتن کي نشانو بڻائيندڙ ۽ قانون هٿ ۾ وٺندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، مان يقين ڏيان ٿو ته حڪومت سمورن پاڪستانين کي برابر تحفظ فراهم ڪندي

سالويشن آرمي چرچ، يونائيٽيڊ پريس بيپٽسٽ چرچ ۽ عيسيٰ نگري ۾ شهرون والا چرچ کي تباهه ڪيو ويو: تعلقي جڙانوالا جو پادري عمران ڀٽي

توهين رسالت جي الزام هيٺ آيل مسيحي جو گهر به ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي. ان دوران پوليس جوابدارن خلاف فرسٽ انفارميشن رپورٽ (ايف آءِ آر) داخل ڪري ورتي آهي

پوليس مظاهرين سان ڳالهيون ڪري رهي آهي، علائقي کي ڪڙو چاڙهيو ويو آهي: پنجاب پوليس سربراهه عثمان انور

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جڙانواله ۾ اقليتن جي ملڪيتن تي حملن جي مذمت ڪئي هي. پنهنجي هڪ بيان ۾ نگران وزيراعظم چيو ته جڙانواله جي منظر ڪيس حيران ڪري ڇڏيو آهي. اقليتن کي نشانو بڻائيندڙ ۽ قانون هٿ ۾ وٺندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو جڙانواله /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: اقليتن جي ملڪيتن تي حملن بعد هڪ گهر کي ڏنل باهه جو ڏيک. گهرڀاتي بيٺل نظر اچي رهيا آهن

تحريڪ انصاف 90 ڏينهن دوران چونڊون ڪرائڻ لاءِ نگران وزيراعظم کي خط لکي ڇڏيو

اڳوڻن حڪمرانن تحريڪ انصاف کي چونڊ ڊوڙ کان ٻاهر ڪرڻ جي نيت سان رياستي ادارن جو استعمال ڪيو: شاهه محمود قريشي

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي اٽڪ جيل ۾ انسانيت سوز حالتن ۾ رکيو ويو آهي

جيل ۾ عمران خان سان رکيل سلوڪ ڪنهن به ملڪ جي انتظامي ۽ عدالتي نظام جي چهري تي هڪ بدنما داغ آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين مخدوم شاهه محمود قريشي 90 ڏينهن دوران چونڊون ڪرائڻ لاءِ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کي خط لکي ڇڏيو آهي. شاهه محمود قريشي ڪور ڪميٽي جي چوڻ تي نگران وزيراعظم کي خط لکندي چيو آهي ته ملڪ تباهي جي ڪناري تي بيٺل آهي. اڳوڻي حڪومت رياستي ادارن کي آئين موجب هلائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي (فائيل فوٽو)

سکر: شهيد جان محمد مهرجي قتل ۾ ملوث 2 جوابدار گرفتار

ڪيس ۾ گهربل ٻن جوابدارن بخش علي عرف بخشو مهر ۽ بابر مهر کي گرفتار ڪري ورتو آهي: ايس ايس پي سنگهار ملڪ

گذريل رات پوليس جي ڇاپا مار ڪارروائي ۾ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

سينيئر صحافي جان محمد مهرجي شهادت ناقابل تلافي نقصان آهي ۽ ان عمل ۾ ملوث سمورا جوابدار گرفتار ڪيا ويندا

سکر (رپورٽر) سکر پوليس سينيئر صحافي شهيد جان محمد جي قتل ڪيس ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ موجب ڪيس ۾ گهربل ٻن جوابدارن بخش علي عرف بخشو مهر ۽ بابر مهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

شهيد جان محمد مهرجي قتل ملوث جوابدار

بشريٰ بي بي طرفان گذريل ڏينهن پوليس کي ڏنل بيان جا تفصيل سامهون اچي ويا

بشريٰ بي بي پوليس جي جاچ ٽيم آڏو ڏنل بيان ۾ جعلي رسيدون ٺاهڻ جو الزام رد ڪري ڇڏيو

رسيدون ٺهرائڻ بابت سامهون ايندڙ آڊيوز ۾ آواز به ڪنهن ٻئي جي قرار ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) توشه خاني جي گهڙي وڪرو ڪرڻ بابت جعلي رسيدون ٺاهڻ واري ڪيس ۾ بشريٰ بي بي طرفان گذريل ڏينهن پوليس کي ڏنل بيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سعودي سفير جي ملاقات

سعودي سفير ٻهراڙيءَ جي مسجدن جي نگران طرفان وزيراعظم کي مبارڪباد ڏني

وزيراعظم پاڪستان جي اقتصادي استحڪام ۽ ترقي لاءِ سعودي حڪومت جي سهڪار تي سندس ٿورا مڃيا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم انور حق ڪاڪڙ سان سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي ملاقات ڪئي سعودي سفير ٻهراڙيءَ جي مسجدن جي نگران طرفان وزيراعظم کي مبارڪباد ڏني. وزيراعظم پاڪستان جي اقتصادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

جليل عباس خارجه، سيد محمد علي کي اطلاعات جا قلمدان ملڻ جا امڪان

نگران ڪابينه جي لاءِ تقريبن سمورا نالا فائنل ڪيا ويا آهن: ذريعا

نگران ڪابينه ۾ اطلاعات واري وزارت جي لاءِ محمد علي دراني جو نالو شامل نه آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ پنهنجي ڪابينا لاءِ مشاورت مڪمل ڪري ورتي آهي. ذريعن موجب نگران ڪابينا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جليل عباس ۽ سيد محمد علي (فائيل فوٽو)

پيٽرول مهانگو: پاڪستان ريلوي ڀاڙن ۾ 10 سيڪڙو واڌ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڀاڙن ۾ واڌ 17 آگسٽ کان ٿيندي. اضافو سمورين ايڪسپريس، شٽل، پسينجر، انٽرسٽي ٽرينن ۽ ريلوي سيلون تي هوندو

ڪراچي کان شڪارپور جو ڀاڙو 200 روپين جي اضافي کان پوءِ 1600 روپيه ٿي ويو

ڪراچي کان ميهڙ جو ڀاڙو 100 روپيه واڌ کان پوءِ 1400 روپيه ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ٿيندي ئي پاڪستان ريلويز به ڀاڙن ۾ 10 سيڪڙو واڌ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان ريلويز طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي جنهن موجب ڀاڙن ۾ واڌ 17 آگسٽ کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

توشه خانه: عمران خان جي سزا خلاف اپيل ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي سزا خلاف اپيل تي ٻڌڻي 22 آگسٽ تي ٿيندي

ڊويزنل بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان سزا خلاف اپيل تي ٻڌڻي ڪندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) توشه خانه ڪيس ۾ سزا خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين جي اپيل ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مراد سعيد، علي امين، حماد اظهر ۽ فرخ حبيب سميت 22 پي ٽي آءِ اڳواڻ اشتهاري قرار

جوابدارن کي ڪيس نمبر 22/96 ۾ جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ ڪيترائي ڀيرا گهرايو ويو هو

طلبي جي نوٽيسن باوجود جوابدار جاچ ۾ شامل نه ٿيا. جوابدارن جي گهرن، فارم هائوسن ۽ آفيسن تي به ڇاپا هنيا ويا: پوليس

عدالت کان حڪم وٺڻ کان پوءِ جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏنو ويو

لاهور (م ڊ) 9 مئي سانحي ۽ جناح هائوس حملي واري ڪيس ۾ اڳوڻن صوبائي وزيرن سميت پي ٽي آءِ جا 22 اهم اڳواڻ اشتهاري قرار ڏنا ويا آهن. ميان اسلم اقبال، مراد سعيد، عندليب عباس، احمد نيازي، فرخ حبيب، زبير نيازي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پوليس پاران اشتهاري قرار ڏنل پي ٽي آءِ اڳواڻ مراد سعيد، علي امين، حماد اظهر ۽ فرخ حبيب

گهوٽڪي جي ڪچي مان پوليس اهلڪار کي اغوا ڪندڙ ڌاڙيلن وڊيو جاري ڪري ڇڏي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي ڪچو ٻنڊي ٿو واري علائقي مان پوليس اهلڪار کي اغوا ڪندڙ ڌاڙيلن جي وڊيو سامهون اچي وئي آهي ڌاڙيلن پوليس اهلڪار جي بازيابيءَ عيوض گرفتار ڪيل جوابدار اميد علي جاگيراڻيءَ جي آزاديءَ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي ڌاڙيلن جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شهباز شريف پاران حنا پرويز سان ٿيل واقعي جي مذمت

مسلم ليگ (ن) جي عورت اڳواڻ کي پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران نشانو بڻايو ويو: شهباز شريف

اهڙن ڪردارن سان پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جي بدنامي ٿي رهي آهي

اڳوڻو وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ن) صدر شهباز شريف

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ن) جي صدر شهباز شريف لنڊن ۾ اڳوڻي ايم پي اي حنا پرويز ٻٽ سان بدسلوڪي جي سخت مذمت ڪئي آهي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ شهباز شريف چيو ته مسلم ليگ (ن) جي عورت اڳواڻ کي پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران نشانو بڻايو ويو. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان مسلسل ڪوڙ ۽ ڪوڙي خبرن ذريعي پنهنجي پيروڪارن جي برين واش ڪئي آهي. اڳوڻي وزيراعظم چيو ته اهڙن ڪردارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پنجاب ۾ هيپاٽائٽس بي مريضن جو انگ 29 لک تائين پهچي ويو

صوبي ۾ قائم 217 ڪلينڪس مان صرف 23 ۾ پي سي آر ٽيسٽ جي سهوليت موجود

هينئر تائين 9 لک 81 هزار کان وڌيڪ پي سي آر ڪيا ويا آهن: دستاويزن جو متن

لاهور (م ڊ) پنجاب ۾ هيپاٽائٽس بي جي ڪيسن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو جنهن سبب مريضن جو انگ 29 لکن تائين پهچي ويو آهي. سامهون ايندڙ انگن اکرن موجب پنجاب ۾ هيپاٽائٽس جي مريضن جو انگ 29 لک کان وڌي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

رضوانه تشدد ڪيس: نينگري جي ماءُ جي پوليس کي درخواست

منهنجي ڌيءَ کي بدترين تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي: امڙ

پنهنجي ڌيءَ سان ملڻ وئي ته ڪيس به ڪمري ۾ بند ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سول جج جي زال پاران تشدد ڪندڙ گهريلو ملازم رضوانه جي ماءُ ترنول ٿاڻي ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي. 13 ورهين جي نينگري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جماعت اسلامي پاران پيٽروليم شين جي واڌ خلاف جمعي کان احتجاج جو اعلان

نگران حڪومت گذريل حڪومتن جي ظالمانه عملن جي تصديق ڪري ڇڏي آهي: سراج الحق

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ 20 رپيا في ليٽر تائين اضافو غريب عوام تي ظلم جي انتها آهي

حڪمران آءِ ايم ايف جي حڪم تي عوام جو رت وهائي رهيا آهن. عوام جي حالت تي رحم ڪيو وڃي


امير جماعت اسلامي سراج الحق

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سراج الحق چيو آهي ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف جمعي تي سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪيو ويندو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي ۾ اڄ کان تيز هوائون هلڻ جو امڪان

خميس ۽ جمعي تي شهر ۾ تيز هوائون گهلڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

شهر ۾ ايندڙ ٽي ڏينهن موسم جهڙالي ۽ بوندا باندي يا هلڪي برسات جو به امڪان آهي

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي ڪراچي شهر ۾ اڄ کان تيز هوائون گهلڻ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته خميس ۽ جمعي تي شهر ۾ تيز هوائون گهلڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته بوندا باندي ۽ هلڪي برسات به ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حڪومت مالي سال 2023ع ۾ 13 هزار 7 ارب رپين جو قرض ورتو

حڪومت تي ملڪي ۽ 22 هزار 30 ارب رپيا پرڏيهي قرض آهي

هلندڙ مالي سال 2023ع ۾ حڪومت جي مقامي قرضن ۾ 7772 ارب رپيا اضافو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان حڪومت مالي سال 2023ع ۾ 13 هزار 7 ارب رپين جو قرض ورتو آهي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب حڪومت 10 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

راڻي پور ۾ مرشد جي گهر ۾ ڪم ڪندڙ معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو پراسرار نموني فوت

وارثن پاران نياڻيءَ مٿان تشدد بعد قتل ڪرڻ جو انڪشاف

نينگري جي تڙپڻ ۽ جسم تي تشدد واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

راڻي پور (رپورٽر) راڻي پور ۾ مرشد جي گهر ۾ ڪم ڪندڙ معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو پراسرار نموني فوت. سندس جسم تي تشدد جا نشان، بغير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

طالبان واعدا پورا نه ڪيا: آمريڪي پرڏيهي وزير

طالبان کي سندن واعدن جو احتساب ڪرڻ لاءِ ڪم جاري رکيو پيو وڃي: اينٽوني بلنڪن

ٻن سالن ۾ لڳ ڀڳ 34 هزار افغان شهرين کي خاص مهاجر ويزا جاري ڪيا ويا آهن

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي پرڏيهي وزير اينٽوني بلنڪن چيو آهي ته افغان طالبان واعدا ڪيا پر وفا نه ڪيا. طالبان کي سندن واعدن جو احتساب ڪرڻ لاءِ ڪم جاري رکيو پيو وڃي. آمريڪي پرڏيهي وزير افغانستان ۾ طالبان حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

وڏن فيصلو ڪري ورتو آهي چونڊون فيبروري 2024 ۾ ٿينديون: راجا رياض

15 فيبروري کان 2 کان 4 ڏينهن اڳ يا بعد ۾ چونڊون ٿينديون

پهريان اهو چيو پئي ويو ته چونڊن کي التوا جو شڪار ڪيو ويندو پر 15 ڏينهن اڳ فيبروري ۾ چونڊن جو فيصلو ڪيو ويو

جيڪڏهن چونڊون آڪٽوبر ۾ ٿين ها ته نواز شريف هن وقت تائين ملڪ پهچي چڪو هجي ها

اسلام آباد: اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض انٽرويو دوران ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض چيو آهي ته اسان جي وڏن فيصلو ڪيو آهي ته چونڊون فيبروري 2024 ۾ ٿينديون. راجا رياض /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

حڪومت عوام مٿان پيٽرول بم ڪيرائي ڇڏيو، قيمتن ۾ رڪارڊ واڌ، نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت عوام مٿان پيٽرول بم ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهن کان پوءِ پيٽروليم شين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ نئين ڀرتين ۽ بدلين تي مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي

اهڙو اعلان وفاقي، صوبائي ۽ مقامي ادارن تي لاڳو هوندو: اليڪشن ڪميشن

اڳوڻن وزيرن، صلاحڪارن ۽ مددگارن کان سرڪاري گاڏيون واپس وٺڻ جو به حڪم ڏنو آهي

اسيمبلي ميمبرن کان به سرڪاري گاڏيون واپس وٺڻ ۽ رهائشگاهون خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انور حق ڪاڪڙ سان سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان سمورين نئين ڀرتين ۽ بدلين تي پابندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

چيئرمين پي ٽي آءِ خلاف سائفر جي گمشدگي جو ڪيس داخل

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي جاچ ايجنسي (ايف آءِ اي) چيئرمين پي ٽي آءِ خلاف سائفر جي گمشدگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

راڻيپور ۾ فاطمه ڦرڙو جي تڙپي تڙپي مرڻ واري وڊيو وائرل، نياڻي بنا پوسٽ مارٽم جي دفن

علي محمد ڦرڙو جي نينگري فاطمه ڦرڙو جي پيرن جي گهر ۾ مرڻ واري مبينا وڊيو هٿ اچي وئي

تڪرار سبب راڻي پور جو پير فياض شاهه ڦرڙن جي متاثر خاندان کي پناهه ڏيڻ جي ناليءَ ۾ راڻي پوروٽي ويو هو

پوليس پهچڻ باوجود معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جو تشدد ٿيل لاش بغير پوسٽ مارٽم جي دفنايو ويو: ذريعا

خيرپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ پيرن جا ڀرڪار: فاطمه ڦرڙو جي تڙپي تڙپي مرڻ واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل معصوم نياڻي بنا پوسٽ مارٽم جي دفن، خانواهڻ: ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي مقتول نينگري فاطمه ڦرڙو جي پيرن جي گهر ۾ تڙپي تڙپي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

شهريار ۽ شاندانه جي گرفتاري جو ايم پي او آرڊر معطل، عدالت گهر وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

شهريار آفريدي ۽ شاندانه گلزار جي ايم پي او جي تحت گرفتاري جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار ڪئي

شهريار آفريدي پنهنجي وڪيل شير افضل مروت سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو

9 مئي جا واقعا سڀني جي سامهون آهن. انٽيليجنس رپورٽن موجب شهريار آفريدي اشتعال پکيڙيو: ڊپٽي ڪمشنر

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن شهريار آفريدي ۽ شاندانه گلزار جي ٿري ايم پي او جي تحت گرفتاري جو حڪمنامو معطل ڪندي ٻنهي کي گهر وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي شهريار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

21 آگسٽ تائين پرويز الاهي جي درخواستن تي فيصلو ڪرڻ جو حڪم

سپريم ڪورٽ ۾ جسٽس اعجاز الاحسن جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

عدالت لاهور هاءِ ڪورٽ کي پرويز الاهي جي درخواستن تي 21 آگسٽ تي فيصلو ڪرڻ جو حڪم ڏنو

جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ 21 آگسٽ تي فيصلو نه ڏنو ته گرفتاري جو عبوري حڪم معطل ڪيو ويندو: عدالت

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ لاهور هاءِ ڪورٽ کي پرويز الاهي جي درخواستن تي 21 آگسٽ تي فيصلو ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. سپريم ڪورٽ ۾ جسٽس اعجاز الاحسن جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پنجاب جي اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير پرويز الاهي (فائيل فوٽو)

صحافي جان محمد جي قتل جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي قائم

سکر (رپورٽر) سکر ۾ صحافي جان محمد جي قتل جي جاچ لاءِ 7 رڪني گڏيل جاچ ٽيم جوڙي وئي. گڏيل جاچ ٽيم ۾ آءِ ايس آءِ، ايم آءِ، آءِ بي، ايف آءِ اي، رينجرز ۽ پوليس جا آفيسر شامل آهن. ان حوالي سان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب جي آءِ ٽي ۾ ايس ايس پي سکر، آءِ بي، ايف آءِ اي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر شامل آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڊي سي پنڊي جا ڪنهن کي به بغير اجازت حراست ۾ وٺڻ جا اختيار بحال

جسٽس جواد حسن ۽ جسٽس وقاص رئوف تي ٻڌل ڊويزن بئنچ ڊي سي جي اپيل تي فيصلو معطل ڪيو

ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 2 هفتن ۾ جواب طلب ڪري ورتو. عدالت اپيل جي ايندڙ ٻڌڻي سيپٽمبر جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

جسٽس انور حق ڊپٽي ڪمشنر راولپنڊي جي ايم پي او آرڊر کي عدالتي اجازت سان مشروط ڪري ڇڏيو

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ راولپنڊي بينچ ڊپٽي ڪمشنر جو اختيار بحال ڪري ڇڏيو آهي ته هو بنا ڪنهن اجازت جي ڪنهن به وقت حراست ۾ وٺي سگهن. لاهور هاءِ ڪورٽ راولپنڊي جي ڊويزن بئنچ 3 ايم پي اوز جي اڳوات عدالتي اجازت تي پابندي واري سنگل بينچ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو جسٽس جواد حسن ۽ جسٽس وقاص رئوف تي ٻڌل ڊويزن بئنچ ڊي سي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ پوليس جي 3 آفيسرن جي ڊي آءِ جي جي عهدي تي ترقي

آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آءِ جي جي عهدي تي ترقي ماڻيندڙ ٽن سينئر پوليس آفيسرن کي رينڪ لڳايا

انهن ٽن آفيسرن ۾ ايس ايس پي ڪيپٽن رٽائرڊ غلام اظفر مهيسر، ايس ايس پي فيض الله ڪوريجو ۽ ايس ايس پي سيد اسد رضا شامل

آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ پنهنجي ۽ سنڌ پوليس طرفان مبارڪباد ڏيندي ٽنهي آفيسرن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ پوليس جي 3 سينئر پوليس آفيسرن کي ڊي آءِ جي جي عهدي تي ترقي ڏني وئي. سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيل هڪ تقريب دوران آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آءِ جي جي عهدي تي ترقي ماڻيندڙ ٽن سينئر پوليس آفيسرن کي رينڪ لڳايا. انهن ٽن آفيسرن ۾ ايس ايس پي ڪيپٽن رٽائرڊ غلام اظفر مهيسر، ايس ايس پي فيض الله ڪوريجو ۽ ايس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

مٺايون/ بيڪرين جون شيون ٺاهڻ وارن/ وڪرو ڪرڻ وارن کي پنهنجن کائڻ پيئڻ جي شين ۾ ڪيلوريز کي شامل ڪرڻ جا پابند آهن: آغا فخر حسين

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو آهي ته پهرين مرحلي ۾ فائيو اسٽار هوٽلن کان وٺي ننڍن هوٽلن/ ريسٽورينٽس کي پابند ڪيو آهي ته هو کائڻ پيئڻ جي شين ۾ ڪيلوريز کي شامل ڪن جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ مٺايون/ بيڪرين جون شيون تيار ڪرڻ وارن/ وڪرو ڪرڻ وارن کي ان ڳالهه جو پابند بڻايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

گهارو ۾ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

نيشنل پريس ڪلب کان احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي ۽ مين اسٽاپ تي ڌرڻو هنيو ويو

حق سچ لکندڙ صحافين جو گهيرو تنگ ڪيو پيو وڃي صحافين کي ڌمڪايو ۽ هيسايو پيو وڃي: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري سنڌ جي صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

گهارو (رپورٽ بشار جوکيو) نيشنل پريس ڪلب گهارو جي سڏ تي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نيشنل پريس ڪلب کان احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي ۽ مين اسٽاپ تي ڌرڻو هنيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ سياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهارو: صحافي جان محمد جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڻيپور ۾ حويليءَ اندر فوت ٿيل فاطمہ ڦرڙو جي واقعي جو ايس ايس پي نوٽيس ورتو

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ حويليءَ اندر فوت ٿيل معصوم نينگري فاطمہ ڦرڙو جي واقعي جو ايس ايس پي خيرپور نوٽيس ورتو راڻيپور ٿاڻي تي پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان چيو تہ نينگري جي والدين جي بيان تي ڪيس ختم ناهي ٿيو . پر اسان پوليس طرفان جاچ ضرور ڪنداسين حويليءَ ۾ چوڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

وڌندڙ مهانگائي غريب عوام جي چلهہ وسامي ڇڏي آهي: محمد جاويد ميمڻ

نگران حڪومت ماضي جي حڪومتن جي تسلسل جو خاتمو ڪري پيٽرول اگهن ۾ ڪيل اضافو واپس وٺي

موجوده نگران حڪومت صنعت ۽ تجارت ڪاروبار جي فروغ، غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي خاتمي لاءِ قدم کڻي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي تہ نگران حڪومت ايندي ئي مهانگائي، غربت، بيروزگاري جي چڪي ۾ پيڙهجندڙ عوام تي پيٽرول بم ڪيرائي ڪري عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. نگران حڪومت ذميواريون سنڀاليندي ئي پيٽرول جي اگهن ۾ 17.50 روپيا ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ 20 روپيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مانجهند مان مڙس جوابدار جي عيوضي ۾ ڪنيل ڳورهاري عورت بازياب نہ ٿي سگهي، احتجاج جاري

ڪنيي گهر ڪيل 8 مهينن جي ڳورهاري عورت حسنا حاجاڻو جي بازيابي لاءِ معصوم ٻارڙن جي وات تي تالا هڻي احتجاج ڪيو ويو

جديد دور ۾ بہ نواب شاهہ سي آءِ اي پوليس عيوضي ۾ ڳورهاري عورت کي ڪنيي انساني حقن جي لتاڙ ڪئي آهي: مظاهرين جون دانهون

ملڪ جي قانون ۾ ڪهڙي بہ لکيل ناهي تہ مڙس تي چوري جي الزام ۾ سندس گهرواري کي ڪنيو وڃي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند مان 13 ڏينهن اڳ مڙس جوابدار جي عيوضي ۾ ڪنيل ڳورهاري عورت بازياب نہ ٿي سگهي 4 ڏينهن ب وات تي تالا هڻي احتجاج سياسي سماجي ڌرين جي شرڪت وارثن جي پٽيشن 19 آگسٽ تي عملدار طلب تفصيل موجب مانجهند ۾ حاجاڻا برادري طرفان جوئين ڏينهن بہ 13 ڏينهن اڳ مبينا شڪي جوابدار مڙس شير محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

مانجهند: حاجاڻا برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ ناري فائونڊيشن آواز فائونڊيشن جي سهڪار سان ڳڏجاڻي، زرعي ڪم ڪار ڪندڙ عورتن جي تحفظ قانون 2019 تي عمل جو مطالبو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ زرعي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي حقن لاءِ جڙيل صلاحڪار پينل زرعي ڪم ڪار ڪندڙ عورتن جي تحفظ قانون 2019 تي عمل جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي تہ پورهيت عورتن کي پورو اجورو ڏياريو وڃي، ناري فائونڊيشن آواز فائونڊيشن جي سهڪار سان خانگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽي ۾ بدامني عروج تي پهتل، پوليس بدامني تي ضابطو آڻڻ ۾ مڪمل ناڪام

واسواڻي محلي ۾ شهر جي ناليواري واپاري صابو ميمڻ جي گهر وٽ هٿياربندن پاران ڦر جي ڪوشش

مزاحمت تي شهري نڪري آيا، هڪ ڦورو سوگهو، عورت سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال داخل

شهرين پاران پڪڙيل ڦورو کي ڪُٽڪو ڏئي پوليس حوالي، سچاٽپ غلام مصطفيٰ گاهيو طور ٿي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي شهر ۾ بدامني عروج تي ايس ايڇ او ٺٽو ٺٽي ٿاڻي جي حد ۾ بدامني تي ضابطو آڻڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪو آهي گذريل رات ٺٽي شهر جي واسواڻي محلي ۾ شهر جي ناليواري واپاري صابو ميمڻ جي گهر وٽ هٿياربندن پاران ڦر جي ڪوشش. مزاحمت تي شهري نڪري آيا هڪ ڦورو سوگهو عورت سميت 3 ڄڻا زخمي ڦورن پاران فائرنگ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز ۾ صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف سنڌ صحافي اتحاد پاران الله واري چونڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پوليس پوٽارن ۽ سردارن جي ڪمدار لڳي پئي آهي، صحافي قتل ٿئي ٿو تہ ان جا قاتل بہ پوٽارن جي فرمائش تي گرفتار ٿين ٿا: اڳواڻ

جيڪو صحافي حق سچ لکي ٿو تہ ان کي ماريو وڃي ٿو اهو ڪٿان جو انصاف آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) سنڌ جي نالي واري صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف سنڌ صحافي اتحاد پاران الله واري چونڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي جيڪا عوامي پريس ڪلب تي پهتي ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان پرسان هڪ ڏينهن واري مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻ مير محسن علي ٽالپر جي سهڪار سان پاڪ آرمي 18 ڊويزن جي پاران يونين ڪميٽي 75 جکي جي صحت مرڪز مير الہ بخش ٽالپر ۾ هڪ ڏينهن واري مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي جنهن جنهن ۾ ٻارن عورتن ڄمڙي جي بيمارين جي پاڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

”شهيد صحافي جانمحمد مهر جا قاتل گرفتار ڪريو“ اسلام ڪوٽ ۾ احتجاجي مظاهرو

صحافي جي قتل خلاف صحافي، شاعر، اديب، ليکڪ، وڪيل، واپاري، شهري، استاد، شاگرد ۽ ٻين پاران احتجاج ڪيو ويو

صحافي جان محمد مهر نہ رڳو سکر جو صحافي هو پر هو، اسان سندس قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: مظاهرين

واقعي سان سنڌ جي هن دلير پٽ کي شهيد ڪري هميشہ لاءِ مظلومن جي آواز کي دٻائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي

اسلام ڪوٽ (صادق بجير) اسلام ڪوٽ تعلقي جا باشعور سائيوجيشن نہ سکر جي بي باڪ صحافي ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين نيوز جي دلير صحافي جانمحمد مهر کي ا باڻر دهشتگردن وچ بازار ۾ گوليون وسائي کين شهيد ڪري ڇڏيو حڪومت جي بي حسي سبب انهي جا جوابدار اڃ تائين گرفتار نہ ٿي سگهيا آهن. دوستو جان محمد مهر نہ رڳو سکر جو صحافي هو پر هو سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين ۾ سينيئر ڊاڪٽر خالده سڪندر مينڌرو پاران سول اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو

شهر ۽ آس پاس ۾ پرائيويٽ اسپتالن اندر حامله عورتن جي علاج دوران سندن زبردستي آپريشن ۽ سي سيڪشن وغيره ڪيا وڃن ٿا: ڊاڪٽر اخلاص

پرائيويٽ اسپتالن وارا مرضي مطابق مريضن کي مجبور ڪري سندن سيزر ڪن ٿا جيڪو عمل بہ هتان جي غريب توڙي عام ماڻهوءَ لاءِ نقصانده آهي

سينيئر ڊاڪٽر خالده سڪندر مينڌرو کي اسپتال جي مئنيجمينٽ سائيڊ جي مختلف شعبن جي ماهرن بہ مختلف معاملن تي کين اگاهي ڏني وئي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سينيئر ڊاڪٽر خالده سڪندر مينڌرو بدين ضلع جي سڀ کان وڏي ڊاڪٽر سڪندر علي منڌرو سول اسپتال بدين (زير انتظام انڊس اسپتال سسٽم) جو دورو ڪيو ان موقعي تي ذڪريا سڪندر منڌرو بہ ساڻن گڏ هو جن اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو جنهن بعد ڊي ايڇ او بدين ڊاڪٽر ظهير احمد ميمڻ ضلعي اندر صحت کاتي جي زير انتظام هلندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين: سينيئر ڊاڪٽر خالده سڪندر مينڌرو کي بريفنگ ڏني پئي وڃي

سجاول جو سينيئر صحافي ڪاشف جوڻيجو جي والد جو ٽيجهو ٿي گذريو

سجاول (رپورٽ ممتاز علي نهڙيو) سجاول جو سينيئر صحافي ڪاشف جوڻيجو جي والد جو ٽيجهو ٿي گذريو، ايصال ثواب ۽ قرآن خواني ڪئي وئي، سورج سجاولي پريس ڪلب جو سينيئر صحافي ڪاشف جوڻيجو جو والد محمد اسماعيل جوڻيجو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو هو جنهن جي جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي، صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

خانواهڻ پرسان معصوم نينگري فاطمہ ڦرڙو جي موت جو معاملو ڳجهارت بڻجي ويو

سوشل ميڊيا تي نينگري جي تڙپي تڙپي دم ڏيڻ جو وڊيو وائرل ٿي ويو، والدين نينگري فاطمہ کي قتل وارن الزامن کي رد ڪري ڇڏيو

اسان جي معصوم نينگري جي موت جو ڪارڻ ڪجهہ عرصي کان بيمار هجڻ آهي قتل جا الزام بي بنياد آهن: والدين

نينگري جي جسم ۾ تي تشدد جا نشان نظر اچي رهيا هئا البتہ نينگري جي والد ۽ والده جي بيان کانپوءِ معاملي جو رخ مٽجي رهيو آهي

خانواهڻ (رپورٽر) خانواهڻ پرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسڻ معصوم نينگري 10 ورهين جي فاطمہ ڦرڙو جي موت جو معاملو ڳجهارت بڻجي ويو، سوشل ميڊيا تي نينگري جي تڙپي تڙپي دم ڏيڻ جو وڊيو وائرل ٿي ويو سي سي ٽي وي فوٽيجز ۾ معصوم نينگري ڪمري اندر تڙپندي نظر اچي رهي آهي پر نينگري جي والدين پاران معصوم نينگري فاطمہ کي قتل وارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

ڪراچي ۾ آزادي جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

سماجي تنظيم شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ويلفيئر ايسوسيئشن جي سڏ تي ريلي ڪڍي وئي

ملڪ جي آزادي جو ملهائڻ اسان سڀني جي جي فرض ۾ شامل آهي: بشير سنجراڻي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان جي آزادي جو ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ڪراچي جي علائقي ماڙيپور گريڪس ۾ سماجي تنظيم شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ويلفيئر ايسوسيئشن جي سڏ تي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي شروعات جسڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پاڻي تي رڳو شهرين جو حق آهي، جيڪو ڪنهن کي بہ چوري ڪرڻ جي هرگز اجازت نہ ڏني ويندي: مرتضيٰ وهاب

سڄي شهر ۾ قائم سمورن غير قانوني هائيڊرنٽس کي ڊاهيو ۽ ڪنيڪشن کي ڪٽيو وڃي

شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي سميت درپيش ٻيا سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ پاڻي تي رڳو شهرين جو حق آهي، جيڪو ڪنهن کي بہ چوري ڪرڻ جي هرگز اجازت نہ ڏني ويندي، ان سلسلي ۾ سڄي شهر ۾ قائم سمورن غير قانوني هائيڊرنٽس کي ڊاهيو ۽ ڪنيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضا وهاب منعقد گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

نئون ڪوٽ ۾ ڊمپر جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار ٻہ نينگر زخمي

شهر ۾ صحت مرڪز پرسان تيز رفتار ڊمپر جو موٽر سائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

لوڪيچي جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ ڪري ڪيس حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ جي سول اسپتال ويجهو ڊمپر جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار ٻہ نينگر زخمي، هڪڙو حيدرآباد ريفر. خبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نااهل حڪمرانن عوام جي وات مان ماني بہ کسي ورتي آهي: زبير حفيظ شيخ

مرڪزي ۽ صوبائي نگران حڪومتون امن امان جي بگڙيل صورتحال ۽ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪن

ملڪ ۾ غربت، مهانگائي، بيروزگاري سبب ماڻهو خودڪشيون ڪري رهيا آهن

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) جماعت اسلامي سکر جي امير زبير حفيظ شيخ حڪومت پاران پيٽروليم شين جي اگهن ۾ 17 روپيا في ليٽر واڌ کي رد ڪندي چيو آهي تہ نااهل حڪمرانن عوام جي وات مان ماني بہ کسي ورتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو غلام حيدر ۾ صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نہ ڪرڻ خلاف احتجاج

صحافين ۽ ساڃاهہ وندن پاران ماتلي باءِ پاس المدينہ چوڪ تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

واقعي کي 3 ڏينهن گذري ويا آهن پر پوليس ڪک ڀڃي ٻيڻو نہ ڪيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) سکر ۾ دهشتگردن هٿان قتل ٿيل سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نہ ڪرڻ خلاف ٽنڊو غلام حيدر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو غلام حيدر: صحافي جان محمد جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ۾ صحافي مير محمد لاشاري کان ڦريل موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان هٿ

پوليس ڪارروائي ڪري دريا خان مري ٿاڻي جي حد مان نثار سولنگي کان ڦريل موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي

صحافي مير محمد لاشاري پاران ايس ايڇ او پڊعيدن علي اڪبر کوکر ۽ ايس آءِ مغل سيال کي هار پارايا ويا

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) دريا خان مري جي سينيئر صحافي ۽ نيشنل پريس ڪلب جي چيئرمين مير محمد لاشاري کان ڦريل موٽر سائيڪل موبائيل فون پڊعيدن پوليس هٿ ڪري صحافي مير محمد لاشاري حوالي ڪئي ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽي ۾ عوامي تحريڪ ضلعي نائب صدر عبدالرزاق چانڊيو جي سالگرهہ تقريب

سالگرهہ تقريب ۾ نيشنل پريس ڪلب جي صدر محبوب بروهي ۽ ٻين اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي

گهوڙاٻاريءَ جي سياسي سماجي شخصيت محمد علي خواجہ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ ڪلچرل فورم پنهنجي روايت کي برقرار رکندي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي نائب صدر عبدالرزاق چانڊيو جي 38هين سالگرهہ ڪيڪ ڪٽي ملهائي وئي. تقريب جو مک مهمان عوامي تحريڪ جو مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: عبدالرزاق چانڊيو جي 38هين سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

خانپور ۾ سراپا احتجاج ويٺل بگٽي برادري جي ڌرڻي رنگ لاتو

پوليس ڌاڙيلن سان مبينا مقابلي بعد نوجوانن کي ڳڙهي تيغو جي ڪچي مان بازياب ڪرائي ورتو

ڇهن ڏينهن کان بگٽي برادري جي سردارن ۽ بگٽي قوم پاران پنهنجن جي بازيابي لاءِ سراپا احتجاج ويٺل هئا

خانپور (عتيق ابڙو) گذريل ڇهن ڏينهن کان انڊس هاءِ وي، نيشنل هاءِ وي سميت ٻين هنڌن تي سراپا احتجاج ويٺل بگٽي برادري جي ڌرڻي رنگ لاتو بگٽي برادري جا ٻہ نوجوان محمد حسين ۽ احمد حسين بگٽي کي شڪارپور پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڳڙهي ياسين ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاج

شهيد جان محمد مهر جي قتل خلاف صدر پريس ڪلب شفيق مهر جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: مظاهرين

ڳڙهي ياسين (رپورٽر) ڳڙهي ياسين ۾ سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف صحافين ۽ سول سوسائٽي جو احتجاجي مظاهرو، قاتل گرفتار ڪرڻ ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي گهر ڳڙهي ياسين شهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سلطانپور ۾ چوريون ۽ ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون، احتجاج

چور بگو شير فيڊر جي ڪيٽرن تي يارهن هزار ڪنين جون تارون لاهي ويا

بدامني جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل تارون واپس ڪرائي ڏنيون وڃن: مظاهرين

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ چورن جو راڄ قائم هجڻ سبب چوريون ۽ ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون ان سلسلي ۾ رهواسين احتجاج ڪري ايس ايس پي سکر کان نوٽيس جو مطالبو ڪيو. خبر موجب سلطانپور جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سلطانپور: رهواسي بدامني خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ نوجوانن جي فعال شموليت جي موضوع تي سيمينار

ڪوئايل سيمينار ۾ پينلسٽ ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن سنڌ جو چيئرمين اقبال احمد ڏيٿو، عبدالله دايو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

نوجوان سماج جي وڏي قوت آهن مڪاني حڪومتن جي نظام ۾ نوجوانن جي شموليت وقت جي ضرورت آهي: ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو

مڪاني حڪومتن جو نظام پارليامينٽ جي بنيادي نرسري آهي جنهن سان جمهوري عمل ۽ پارليامينٽ مضبوط ٿيندي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڀٽائي سوشل واچ ۽ ايڊووڪيسي (بسوا) خيرپور ۽ يونيورسٽي پاران لوڪل گورنمينٽ ۾ نوجوانن جي فعال شموليت جي موضوع تي هڪ ڏينهن جو سيمينار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر: شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ سيمينار کي مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

ڪڪڙ ۾ ڀتو نہ ڏيڻ تان بااثر پاڻي واري بورنگ جو ڪم بند ڪرائي ڇڏيو

ڪڪڙ (رپورٽر) ڪڪڙ ۾ ڀتو نہ ڏيڻ تان بااثر هٿياربند موڪلي پورهيت ڳوٺاڻي جي زمين تي لڳندڙ پاڻي واري بورنگ جو ڪم بند ڪرائي ڇڏيو. ڳوٺ قادر بخش بروهي واسي ڳوٺاڻي جو احتجاج خبر موجب: ڪڪڙ ۾ ڳوٺ قادر بخش بروهي واسي پيرسن محمد اسماعيل بروهي پنهنجي معصوم پٽ کي ساڻ ڪري پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو محمد خان ۾ چيف مانيٽرنگ آفيسر پاران اسڪولن جا دورا

شهر جي تعليم جي بهتري لاءِ اسان جي پرعزم ڪوششون جاري آهن: عبدالحليم لغاري

بند پيل اسڪول کوليا ويا آهن تعلقي جي سڀني اسڪولن ۾ فرنيچر فراهم ڪيو ويو آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) چيف مانيٽرنگ آفيسر ٽنڊو محمد خان عبدالحليم لغاري، تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر سيد امجد شاهہ پاران مختلف اسڪولن گورنمينٽ پرائمري اسڪول پاڻار، گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٻيڙو پٽي، ڪريم آباد ۽ ٻين جو وزٽ ڪيو ويو گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد جي وزٽ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيف مانيٽرنگ آفيسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نصير آباد ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

پريس ڪلب جي صدر سڪندر علي ڪوسو جي اڳواڻي ۾ صحافين ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو ويو

وچ شهر ۾ پوليس انتظاميا جي سامهون سنڌ جي نامياري بهادر صحافي جو قتل سوچيل سمجهيل سازش آهي: اڳواڻ

شهيد صحافي جان محمد مهر جي خون سان انصاف ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي

نصيرآباد (رپورٽر) سکر جي سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف نصيرآباد سڄل پريس ڪلب جي صحافين پاران مظاهرو سخت نعري بازي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو. تفصيل موجب: سکر جي سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف نصيرآباد سڄل پريس ڪلب جي صدر سڪندر علي ڪوسو جي اڳواڻي ۾ صحافين ٻانهن تي ڪاريون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نصير آباد: صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مٽياري ۾ ضلعي بار ايسوسيئشن پاران صحافي جان محمد مهر جي قتل جي مذمت ڪئي وئي

مٽياري (رپورٽر) ضلعي بار ايسوسيئشن پاران صحافي جان محمد مهر جي قتل جي مذمت، ٺهراءُ پاس ڪري قاتلن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو مٽياري ضلعي بار ايسوسيئشن جو اجلاس بار روم ۾ ٿيو اجلاس ۾ سکر جي سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف مذمتي ٺهراءُ پاس ڪيو ويو قرارداد ۾ شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سجاول ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلعي جي مجلس عامله جو اجلاس

ضلعي سجاول مان امن جو پکي اڏامي ويو آهي ڏينهن رات ڦرجو آزار آهي: محمد صالح الحداد

اسان مطالبو ٿا ڪريون تہ ضلعي ۾ ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي تہ عوام سک جو ساهہ کڻي سگهي

حافظ فضل الله فياض مولانا محمد انور سومرو مولانا طفيل احمد ڪٽي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ جمعيت علماءِ اسلام ضلعي جي مجلس عامله ۽ تعلقن جي اميرن ۽ ناظم عمومي صاحبان جو گڏيل اجلاس مدرسہ هاشميہ سجاول ۾ ٿي گذريو جنهن جي صدارت ضلعي امير مولانا محمد صالح الحداد صاحب ڪئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ ايندڙ عام چونڊن ۾ جي يو آءِ ضلعي جي سمورين سيٽن تي ڀرپور حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي اجلاس ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

چڪ ۾ صحافي جان محمد مهر جو ٽيجهو، مختلف اڳواڻن جي شرڪت

پي ايف يو جي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ، پي ايف يو جي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٽيجهي دوران فوٽو جرنلسٽ سکر جي صدر قذافي شاهہ ۽ ٻين صحافين پڻ دعا ۾ شرڪت ڪئي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) 3 ڏينهن اڳ شهيد ٿي ويل سکر جي سينيئر صحافي جان محمد مهر جو ٽيجهو سندس اباڻي ڳوٺ چڪ ۾ ٿيو دعا تقريب ۾ سنڌ مان صحافين، سول سوسائٽي ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. پي ايف يو جي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ، حيدرآباد پريس ڪلب جي صدر لالا رحمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

آءِ جي سنڌ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل جي جاچ لاءِ اعليٰ سطحي ڪاميٽي جوڙي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل جي جاچ لاءِ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي، ڪميٽي جو سربراهہ ڊي آءِ جي تنوير عالم اوڍو هوندو جڏهن تہ ڪميٽي جا ميمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث ٻہ جوابدار گرفتار

واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي: ايس ايس پي سنگهار ملڪ

جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪري جسماني ريمانڊ جي درخواست ڪري جاچ ڪئي ويندي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سينيئر صحافي جان محمد مهر جي شهادت وارو معاملو شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، ايس ايس پي سنگهار ملڪ جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سرحد ۾ بااثرن پاران واٽر سپلائي جي نڪتل ديوار ڪيري ڇڏي

مزدورن کي ڌمڪيون ۽ دابا مزدورن واٽر سپلائي جو ڪم بند ڪري هليا ويا

رڪاوٽ وجهندڙ بااثرن خلاف جلد کين قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: انتظاميہ

اسان کي خبر پئي آهي بلڪل تہ ڪجهہ بااثرن مزدورن کي ڌمڪيون ڏئي ڪم اڌ ۾ بند ڪرايو آهي

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد ۾ بااثرن پاران واٽر سپلائي جي نڪتل ديوار ڪيري ڇڏي مزدورن کي ڌمڪيون ۽ دابا مزدورن واٽر سپلائي جو ڪم بند ڪري هليا ويا، پبلڪ هيلٿ کاتي پاران سرڪاري ديوار ڊاهيندڙ بااثرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو اعلان، خبر موجب سرحد ۾ سالن کان ناڪارا بڻيل واٽر سپلائي جي پمپنگ مشين کي ضلعي چيئرمين سردار بنگل خان مهر بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ ڪجهہ ڏينهن کان هلندڙ ڪم ۾ سرحد شهر بااثر اڪبر ملڪ، احمد علي ملڪ ۽ ٻين پاران واٽر سپلائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

”زمين تان قبضو ختم ڪرايو“ سيوهڻ ۾ ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

جهانگاره جي ڳوٺ نار پير جي رهواسي علي شير پيهر، مير محمد پيهر، غلام شبير پيهر ۽ ٻين زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪيو

منهنجو چاچو زبردستي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو، بااثر چاچو هٿياربند ويهاري مونکي مارڻ ٿو چاهي: ڳوٺاڻن جون دانهون

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر چاچي خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

سيوهڻ شريف (رپورٽر) سيوهڻ تعلقي جي يونين ڪائونسل جي ڳوٺ نار پير جي رهواسين جو پنهنجي چاچي ۽ جهانگارا پوليس زبردستي 32 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضي خلاف معصوم ٻارڙن، عورتن، مردن سميت ٿلهڻ اس ۾ احتجاجي مظاهرو نعري بازي، ايس ايڇ او جهانگارا ڪورٽ جي حڪمن کي بہ هوا ۾ اڏائي ڇڏيو. 3 ڊيرا 6 مهينن کان پيل خراب پيا ٿين. مظاهرين خبر موجب سيوهڻ تعلقي جي يونين ڪائونسل جهانگاره جي ڳوٺ نار پير جي رهواسي علي شير پيهر، مير محمد پيهر، غلام شبير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سيوهڻ: ڳوٺاڻا زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ ايڇ آءِ وي کي منهن ڏيڻ لاءِ ”ون يونٽ“ ٽاسڪ فورس قائم

لاڙڪاڻو (رپورٽر) سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن پاران لاڙڪاڻي ۾ ايڇ آءِ وي کي منهن ڏيڻ لاءِ ”ون يونٽ“ ٽاسڪ فورس جوڙي وئي، صوبائي صحت واري وزارت جي هدايتن تي، سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ هڪ گڏيل ٽاسڪ فورس قائم ڪري ڇڏي آهي جيڪا عطائيت خلاف ’ون يونٽ‘ ٿي ڪم ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڏوڪري ۾ مولا سجاد عليہ السلام جي شهادت جي ڏهاڙي تي مجلس عزا ۽ عزاداري برپا

الحسيني مرڪزي امام بارگاهہ ڏوڪري ۾ مولا سجاد عليہ السلام جن جي شهادت جي ڏهاڙي تي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي

يزيدي فوج ڪربلا ۾ مولا حسين عليہ السلام ۽ مولا جي جانثارن کي شهيد ڪرڻ بعد آل محمد ﷺ جن کي قيد ڪيو ويو: عالم

مولا سجاد ع کي بيبي سان گڏ شام، ڪوفي جي بازارن ۾ گهمايو ويو، بازارن ۾ آل محمد جي مٿان پٿرن جي برسات وسائي وئي

ڏوڪري (رپورٽر) هائي مظلوم مولا سجاد عليہ السلام، ڏوڪري ۾ مولا سجاد عليہ السلام جي شهادت جي ڏهاڙي تي مجلس عزا ۽ عزاداري برپا ڪئي وئي. الحسيني مرڪزي امام بارگاهہ ڏوڪري ۾ مولا سجاد عليہ السلام جن جي شهادت جي ڏهاڙي تي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي مجلس عزا کي علامہ عرفان حيدر عابدي خطاب ڪندي چيو تہ يزيدي فوج ڪربلا ۾ مولا حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 17 آگسٽ 2023ع

پاڻي ڪوٽ دوران ٻوڏ ۽ ٻوڏ دوران سوڪ جا 'معجزا'

پهتل صرف الله لوڪ ماڻهوئي ناهن هوندا، ڪجهه سرڪاري ڪاتا به پهتل هوندا آهن. اهڙن ئي ڪاتن مان هڪڙو آبپاشي ڪاتو پڻ آهي، جيڪو سوڪ ۾ ٻوڏ ۽ ٻوڏ ۾ سوڪ جهڙا معجزا ڪري رهيو آهي. هن وقت درياهه ۾ گهٽو چاڙهه ڪٿي نه به هجي پر پاڻيءَ جي ڪوٽ ناهي. پران جي باوجود به آبپاشي ڪاتو ڪيترن ئي هنڌن تي پاڻيءَ جي هٿرادو ڪوٽ پيدا ڪري فصل تباهه ڪري، سنڌ جي زراعت ۽ آبادگارن کي نقصان ڏيئي رهيو آهي. سنڌ جي واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي ڪوٽ ۽ فصلن جي تباهيءَ جون خبرون هاڻي ته ڪثرت سان رپورٽ ٿيڻ لڳيون آهن ۽ آبادگار احتجاج ڪري آبپاشي عملدارن تي مُنڍ جي آبادگارن سان پاڻي وڪڻڻ جا الزام هڻي رهيا آهن. اهڙا ئي به احتجاج قمبر ۽ آبپاشي سب ڊويزن خيرپور گنبوهه جي حوالي سان پڻ رپورٽ ٿي چڪا آهن. قمبر جي مختلف شاخن جي پڇڙيءَ ۾ پاڻي ڪوٽ خلاف آبادگارن سارين جو ٻيجارو کڻي احتجاج ڪيو آهي. جڏهن ته آبپاشي سب ڊويزن خيرپور گنبوهه جي شاخن ۾ پاڻيءَ جي هٿراڊو ڪوٽ خلاف پڻ آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن. آبادگارن موجب: آبپاشي عملدار مٿين آبادگارن کي پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن.

سنڌ جي زراعت جي تباهيءَ لاءِ جتي ٻيا عنصر ذميوار آهن، اتي ان تباهيءَ جو هڪ سبب آبپاشي ڪاتو پڻ آهي. هڪ ته سنڌ کي اڳ ئي پاڻيءَ جو پورو حصو نٿو ملي. پنجاب به ارهه زورائي ڪري فلڊ ڪئنال به ڪوٽ وارن ڏينهن ۾ کولي پاڻي کڻيو وڃي. پران جي باوجود جيڪا لپ پاڻيءَ جي ملي ٿي، ان جي بهتر ريگيوليشن نٿي ٿئي. آبپاشي عملدارن تي پاڻي منڍ جي آبادگارن سان وڪرو ڪرڻ جا الزام لڳندا رهن ٿا. پاڻيءَ جي وڪري سبب ڪوٽ پيدا ٿئي ٿي ۽ پاڻي پڇڙيءَ ۾ نٿو پهچي. اها ته عام ڏينهن جي ڳالهه آهي پر هن وقت ته چوماسي جي برساتن ڪانپوءِ درياهه ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ ناهي، مختلف واهن ۽ شاخن ۾ گهارا پيا پون. ان وقت جڏهن پاڻيءَ جي ڪوٽ شاخن ۾ پيدا ٿئي ته اها آبپاشي ڪاتي جي عملدارن جي نا اهلي ناهي ته پلا ٻيو ڇا آهي؟ اصل اها ڳالهه آهي ته سالن جا سال واهن جي شاخن جي ڪاٽي نٿي ٿئي ۽ ڪاٽي جي پئسن کي ڪاٽ هنيو وڃي ٿو. شاخن جو پيٽ لنجي وڃي ٿو انهن جي پاڻي کڻڻ جي گنجائش گهٽجي وڃي ٿي. جڏهن پاڻي چڙهيو وڃي ٿو ته گهارا پون ٿا ۽ آبپاشي ڪاتي جي عملدارن جي پٽ وائکي ٿئي ٿي. نه ته پلا هنن ڏينهن ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ جو ڪهڙو جواز ٿي سگهي ٿو؟ هن وقت حالت اها آهي ته آبادگارن جو پوڪيل سارين جو ٻيجارو سڙي رهيو آهي پر انهن کي پاڻي نٿو ڏني وڃي. اهو سنڌ جي پوچڙ جي آبادگارن جو معاشي قتل آهي، سنڌ جي زراعت جو قتل آهي.

ان حقيقت کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ان ڪاتي جو سياسي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي. سياسي پوتارن جي زمينن کي سيراب ڪرڻ لاءِ ننڍن آبادگارن جون زمينون بنجر ۽ ٻٽ بڻايون وڃن ٿيون. ڪجهه سال اڳ عوام جي گهٽين دانهن ۽ ڪوڪن ڪانپوءِ پاڻي چوري روڪڻ لاءِ رينجرز کي مقرر ڪيو ويو هو. پاڻي چوري جا ڪجهه ڪيس به داخل ٿيا پر اها چوري رڪجي نه سگهي. ان ڪاتي جي سياسي مقصدن جي استعمال جي هڪ ثابتي اها پڻ آهي ته يا ته سنڌ جو انتظامي سربراهه ان ڪاتي جو قلمدان پاڻ وٽ رکي، ڪنهن مشير ۽ صلاحڪار ذريعي اهو ڪاتو هلائي ٿو يا وري پنهنجي ڪنهن اعتماد واري شخص کي ان ڪاتي جو قلمدان ڏنو وڃي ٿو. آبپاشي عملدار سرڪاري ايجنڊا جي تڪميل ڪندي پاڻي وڪڻڻ واري پنهنجي ايجنڊا جو به پورائو ڪري ٿا وٺن. اهو ئي سبب آهي جو انهن کان پڇاڻو نٿو ٿئي. آبپاشي ڪاتو هڪ اهم سرڪاري ڪاتو آهي، جنهن تي سنڌ جي زراعت جي جياپي جو دارومدار آهي ان جي بهتر ڪارڪردگي سنڌ جي سڪ ۽ سڪار لاءِ ضروري آهي.

ڪردار، اعتماد ۽ بدعنواني

محمد احسان لغاري

انفرادي ڪردار کان وٺي قومي ڪردار تائين، دنيا جي قومن ۽ ملڪن وڏي محنت ڪئي آهي. صدين جي سکيا، تربيت ۽ تجربن مان ڪنهن به معاشري جو ڪردار ٺهندو آهي. دنيا جا مذهب، نبي، ولي، درويش، صوفي، سنت، ڏاها، فلاسافر ۽ بهتر دنيا جا خواب ڏسندڙ انسان، معاشري جي ڪردار جي باري ۾ فڪرمند رهيا ۽ ان ڏس ۾ پرچار ڪيائون.

اخلاق ۽ ڪردار هڪبئي سان اِئين ڳنڍيل آهن، جيئن گل ۾ خوشبو! اخلاق ۽ ڪردار سان ئي انساني وصف ڦٽي نڪري ٿي، جنهن کي پاڻ اعتماد، پروسو (ٽرسٽ) چئون ٿا. امانت ۽ سچائي جي صفتن جي ملائي اعتبار جُڙي ٿو! جنهن معاشري، قوم ۽ ملڪ ۾ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ تي، ماڻهوءَ جو قانون، آئين، قاعدن تي اعتبار ۽ ان جي نتيجي ۾ رياست ۽ حڪومت تي اعتبار جنم وٺي ٿو اعتماد هڪ انصاف پري معاشري جو عڪاس آهي، ۽ ساڳي ريت انصاف، بهتر طرز حڪمراني ۽ قانون جي پاسداريءَ سان هڪ اعتماد ۽ اعتبار وارو معاشرو جنم وٺي ٿو بدعنواني جنهن کي پاڻ عام معنيٰ ۾ ڪرپشن چئون ٿا، ان جي ڪا هڪ وصف نه آهي. علم ۽ تحقيق ان ڏس ۾ ڪيئي معنائون ٻڌائي ٿي. ٿلهي ليکي ڪنهن به سرڪاري (يا غير سرڪاري) انسان/اداري جو پنهنجي ذاتي فائدي ۽ مفاد خاطر، پنهنجي پوزيشن (پوءِ اُهو ڪنهن به منصب تي هجي ۽ ڪهڙي به اداري/پارٽي يا آرگنائيزيشن جو هجي) جو غلط استعمال ڪرڻ. عام طور پئسن واري فائدي کي بدعنواني سمجهيو وڃي ٿو جڏهن ته بدعنواني نيت کان شروع ٿئي ٿي ۽ ان جا انفرادي، سماجي، سياسي، اقتصادي، نفسياتي، انتظامي، رٿابندي ۽ ادارتي پهلو پڻ آهن.

ان بحث ۾ وڃڻ کانسواءِ ته بدعنواني کي پاڻ ڪنهن به پراجيڪٽ جي رٿابندي، ڪنهن زمين جي ليز ڏيڻ، ڪنهن جي حق کي چندو ڏسندي ماٽ ڪرڻ کان وٺي سڌا سنوان پئسا وٺڻ تائين کي هڪ پاسي رکندي صرف آئيٽرو ڏسون ته اعتبار ۽ اعتمادي معاشري جو بدعنواني سان ڪهڙو تعلق جُڙي ٿو.

عجيب خاموشي ڏسڻ ۾ اچي ٿي سماجي هلچل ۾: ڪنهن ڪالم ۾، احتجاج، سياسي ڳهر، تعليمي سرگرمي، ڪنهن جلسي ۾، ڪنهن ميلي ۾، ڪن ڪتاب جي مهورت ۾ اعتبار ۽ ڪردار تي نه ئي ڪو بحث نظر اچي ٿو ۽ نه ئي ان تي ڪنهن جون اکيون اٿل آهن يا آواز جو ٻڙلاءِ آهي يا وري ڪنهن قلم جو وهڪرو!

آمريڪا جو هڪ مشهور بئنڪن کي ڌاڙو هڻندڙ ڦورو وِلي سُٽون جيڪو پنهنجي 79 سالن جي زندگيءَ جو اڌ جيلن ۾ گذاريو ٿي دفعا جيل مان ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿيو ان کان جج پڇيو ته "بئنڪ کي چو ڦريندو آهين!" ته هن سادو ۽ سڌو جواب ڏنو ته "چوجو هُو پئسا بئنڪ ۾ رکندا آهن! بئنڪ ۾ پئسا رکيل هجن، ٽئڪس يا بجلي جي چوري هجي، ڪنهن پراجيڪٽ تي رکيل رقم هجي. يا ڪنهن به قانون جي پڇڪڙي هجي، انهن شين تي غور ڪبو ته اسان کي ڪافي شيون مشترڪ نظر اينديون! ان ننڍڙي مثال مان اسان ڪوشش ڪنداسون ته سمجهي سگهون ته دنيا جي ڪجهه ملڪن ۾ ته قانون آئين ۽ قاعدن جي وڏي پاسداري آهي ته وري ڪيترن ملڪن ۾ ڳالهه ان جي اُبتڙ آهي. آخر ائين چو ٿو ٿئي؟

اعتماد کي جيڪڏهن بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته "اعتماد هڪ ڳڻ آهي، اهڙو مقدار آهي، جيڪو اوهان کي ٻڌائي ٿو ته ٻيا انسان، پاڙيسري، ملڪ واسي اوهان جي اخلاقي برادري جو حصو آهن. جيڪي ٻيا انسان آهن. انهن سان هڪ تعلق جو بنياد پڻ ان اعتماد تي ٿئي ٿو بهتر معاشرن ۾ شهرين کي اعتماد هوندو آهي ته هر ڏکي وقت حڪومت انهن سان گڏ هوندي، انهن کي پروسو هوندو ته جيڪو ڪير، مرچون، ڪاٺ جو سامان ڪنهن دڪان تان هُوندن ٿا، ان ۾ ملاوٽ نه هوندي. پوليس هنن سان گڏ هوندي نه ڪي ڌاڙيلن سان، انصاف کي سِين لاءِ هڪ نظر سان ڏٺو ويندو. ماڻهو پنهنجي ذاتي مفاد تي پنهنجي اخلاقي تزلي کي ترجيح نه ڏيندا. دڪاندار جيڪا شيءِ ڏيندو، ان جي باري ۾ غلط بياني نه ڪندو. ان جو مثال هيئن ڏيان ته منهنجو هڪڙو دوست جرمني ويو ڪنهن دڪان تان هڪ واچ ورتائين، جيڪا دڪاندار هن کي ٻڌايو ته سٽزرليند جي آهي. واچ بظاهر سستي هئي ان دوست هن دڪاندار کان ائين پڇيو. جيئن پاڻ هتي عام طور پڇندا آهيون "هي واچ چين جي ته ناهي". دڪاندار جواب ۾ ڳاڙهو ٿيو پر پرم ۾ رهيو ۽ چيائين "جيڪڏهن چين جي هجي ها ته چين جي ٻڌايان ها! ان کي سوئيس واچ ڪري ڇو وڪڻان ها!" ٿوري بحث ڪانپوءِ دڪاندار چيو ته "جيڪڏهن مون کي ڪو به فائدو ٿيڻو هجي ها ته به مان چين جي واچ کي سٽزرلينڊ جي واچ ڪري نه ٻڌايان ها!" مان ڪنهن به قيمت تي پنهنجي قائم ڪيل اعتماد (ٽرسٽ) سان ويساهه گهاتي نه ڪيان ها! اهو آهي اخلاقي ڪردار ۽ قومي اعتماد! جنهن کي اسان الائجي ڪٿي اڇلائي زلندا وتا آهيون

اعتماد يا پروسو هڪ سماجي، نفسياتي ۽ منطقي ڪيفيت آهي. "ادا مون هن تي پروسو ڪيو پر هن دوڪو ڪيو!" "ادا سياستدانن تي ڪهڙو پروسو!" "اسان کي هن حڪومت، اداري، هن ماڻهو . تي ڪو پروسو ناهي ته ڪو اهو چڱائي ڪندو انصاف ڪندو شفافيت ڪندو ." "پنهنجي چوڱرد گهر کان وٺي نوڪري/ڌنڌي تائين، روزاني جي ڪرت ۾ انهن لفظن جو ورجاءُ ٻڌون ٿا، جنهن مان خبر پوي ٿي ته انفرادي معاملن کان وٺي حڪومتي ۽ رياستي معاملن تائين اعتماد، اعتبار ۽ پروسي جو فقدان آهي.

تحقيق ٻڌائي ٿي ته جن معاشرن ۾ پروسي يا اعتماد جا عمومي ڳڻ وڌيڪ آهن، اُتي بدعنواني گهٽ آهي. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ يا معاشري ۾ وڏي پئماني تي اڻ برابري (عدم مساوات) آهي ته ان جي نتيجي ۾ عام اعتماد/پروسو گهٽ ٿئي ٿو ان جي نتيجي ۾ بدعنواني جهجهي ٿئي ٿي ۽ وري اڻ برابري وڌي ٿي. اقتصادي اڻ برابري کان وٺي صنفي اڻ برابري تائين ڪو به شعبو ڪلو اسان جي معاشري ۾ اِها هر جاءِ تي موجود آهي. هڪ محقق چواڻي جيئن بدعنوانيءَ جي گهٽائي ٿئي ٿي ۽ ريل ڦيل رهي ٿي، تيئن اڻ برابري پڻ قائم رهي ٿي ۽ وڌي ٿي. بدعنواني جي نتيجي ۾ رياستي وسيلا جيڪي هيٺين سطح تائين وڃڻا هئا، سي ڪن ٻين زورآورن جي هٿن ۾ اچن ٿا. افسر شاهي، ڏنڌوڙي (ليڪيدار، سياستدان، صنعتڪار، سگهاري ڌرين جا آشروادي وغيره) اِهي وسيلا ڪسي اميرن جي حوالي ڪن ٿا، جيڪي وڌيڪ امير ٿين ٿا! ان ڪري سمجهڻ کپي ته معاشري ۾ بدعنوان جي ڪري، اڻ برابري نه صرف موجود رهي ٿي، بلڪ وڌي ٿي! ان جي نتيجي ۾ عام ماڻهو کان وٺي عمومي قومي/ملڪي اعتماد ۽ پروسو گهٽ ٿئي ٿو ۽ اِهو ان ۽ جنڊ يا گهاڻي ۽ ڏاند وارو ڦيرو هلندو رهي ٿو!

اڻ برابري "ملڪيت جي حقن جي حفاظت" لاءِ هاڃيڪار آهي. ملڪيت پوءِ اُها زمين جي هجي، پاڻي هجي، ڍور ڍڳا هجن، ڏنڌو هجي، گس هجي، جبل هجن . يا ڪو به ٻيو وکر. اِهو بنيادي اقتصادي عنصر آهي. جيڪڏهن ڪا حڪومت يا رياست ان جي رکوالي ڪري حقدار کي حق نٿي ڏئي سگهي ته سمجهو ته اڻ برابري وڌندي. ڪنهن جا ڪيلا ۽ ڪمند آباد، ڪنهن جي پڇڙي ۾ پيئڻ جو پاڻي نه، ڪنهن جي پني کي گهيرو ته ڇڏي وڃجي يا پڳڙن جي مٿ ۾ ڏي، سرڪاري قيمتي هزارين ايڪڙ زمين (سرڪاري معنيٰ اُتان جي عوام، ماڻهن جي، نه ڪي حڪومت جي، جنهن کي وٺي ٿنهن کي ڏ ي) ڪنهن زور آور ٽائڪون يا اداري کي ڏئي ڇڏجي ۽ پلي صدين کان قائم ڳوٺن جي پيل ٽيءَ! ان ڪري سمجهڻ کپي ته "ملڪيت ۽ حقن جي حفاظت" جتي نه هوندي، اُتي اڻ برابري وڌندي!

اڻ برابري جا اثر ۽ نقصان گهڻ پاسا آهن. بدعنواني ۽ اڻ برابري جو پاڻ ۾ گهرو رشتو آهي. ساڳي ريت اڻ برابري جي ڪري ترقي ۽ ترقيءَ ۾ واڌ ۾ پڻ رڪاوٽون ڪڙيون ٿين ٿيون، چوجو اها اشرافيه ۽ اميرن کي سندن فائدي لاءِ سماج/ملڪ جي سياسي، آئيني/قانوني ۽ انصاف واري نظام ۽ ادارن کي تباهه ڪرڻ ۽ صرف پنهنجي مقصدن لاءِ هلائڻ/استعمال ڪرڻ جي سگهه ڏئي ٿو جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن پئي همراهه کان وڌيڪ امير آهي (۽ ان ڪري ئي سگهارو آهي) ۽ اُنان جون عدالتون پڻ خراب آهن ته پوءِ پڪ سمجهو ته قانوني نظام اميرن جي حق ۾ رهندو. ماتي چور سالن تائين جيلن ۾ بند هوندو ته اُرٻن ڪرين جو چور بي پرواهه سگهارو ٿي گهمندو رهندو. ساڳي ريت جيڪڏهن سياسي ۽ انصافي ادارن تي اثرانداز ٿي سگهجي ٿو ته پوءِ هو "اميرن ۽ سگهارن" جي پوئيواري ۾ هوندا. نه کي اهڙا اثرائتا ٿيندا، جن تي عام ماڻهو اعتماد/پروسو ڪري سگهندو ان سڄي طريقي جي نتيجي ۾ سگهارا ۽ امير ماڻهو ڪنهن به سياسي، قانوني ۽ ريگيوليٽري نظام يا گهاڙيٽي آڏو جوابده نه ٿيندا. سمجهڻ کپي ته هڪ عام ننڍي پئماني جي بي ايماني/بدعنواني جنهن ۾ ڪنهن ٽريفڪ سپاهي کي سئو روپيو ڏيڻ ڪنهن نائب قاصد کي مٺائي جو ڏيوڏيڻ، ان جي نتيجي ۾ ڪو به امير نٿو ٿئي، ان ڪري ان کي بدعنواني جي ڏاڙن سان پيٽ نه ڪئي وڃي. ان مٺائي واري رواج ۾ سياسي، سماجي ۽ ثقافتي عنصر مليل آهن. جيڪي وڏي بدعنواني کان بلڪل مختلف آهن. ان جي نتيجي ۾ عوامي پروسو/اعتماد گهٽ ڪونه ٿو ٿئي!

ان سلسلي ۾ هڪ عام دليل پڻ سامهون ايندو آهي "ادا ڊرائيور هروپيرو جا فيلڊ ۾ وڃڻ جا پئسا/يا انهن جا بل ٺاهي ٿو سو به ويهه، ٽيهه هزار!" ڳالهه ڪندڙ ماڻهو پاڻ هر مهيني لکين روپين جا فائدا وٺندڙ هوندو! اهڙن دليلن کي بنياد بڻائي هڪ عام وصف بيان ڪئي ويندي آهي ته "ادا سڀ چور، بدعنوان آهن. اِهي گوڏر ته وڏا بي ايمان ۽ بدعنوان آهن .. " زميني ۽ تحقيقي حقيقتون ان کان مختلف آهن. قوت، سگهه ۽ پئسو چند ڌرين ۽ اڳ ۾ ئي مراعت يافته طبقي وٽ آهي. جيڪي وقت سان گڏ امير ترين ٿين ٿا. چاڪاڻ ته ڪنهن به عام ماڻهو جو نوڪري ملڻ، سرڪاري اسڪول/يونيورسٽي ۾ بهتر تعليم، سرڪاري اسپتال ۾ گهربل صحت جون سهولتون هجڻ کان وٺي، ٿاڻي جي هيڊ منشي/ايس ايڇ او کان ويندي ڪنهن عدالت جي جج تائين، ڪنهن تي به اُپريل ۽ قائم ڪيل اعتماد ڪونهي. ان ڪري هن جي ذهن ۾ يڪدم هي منطق ايندي. بنا پئسي نوڪري چو ۽ ڪيئن نه ملندي! ان ڪري نوڪري لاءِ پئسا ۽ سفارش گڏ ڪرڻ کپي. سرڪاري اسپتال ۾ موت ٿو وڪامجي، ان ڪري ڍڳا ڪپائي به پرائيويٽ/خانگي اسپتال ۾ علاج لاءِ وڃبو ايس ايڇ او منهنجي چوته ٻڌندو! هاڻ ته لکين پري آيو آهي پوسٽ وٺڻ لاءِ! ان ڪري ته جي وڏي/سگهاري کي منٿ ميڙ ڪيان ۽ ڪجهه ڏوڪڙن جو بندوبست ڪيان!"

هي اسانجي گهر، پاڙي، ڳوٺ، شهر ۽ صوبي ۾ رهندڙ ماڻهن جا سوال آهن. جيڪي اڻ برابري، اعتماد/پروسي ۽ بدعنواني جي باري ۾ آهن. ان لاءِ، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، سياسي سائنس جي ليکڪن ۽ ماهرن، پروفيسرن ۽ جاکوڙ ڪندڙن کي ان تي سوچڻ، لکڻ، تحقيق ڪرڻ ۽ سياسي/سماجي گفتگو/ڊائلاگ ڪري عام ماڻهن جي اعتماد بحال ڪرڻ، اڻ برابري ۽ بدعنواني گهٽائڻ لاءِ جتن ڪرڻ کپن!

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرَا! کي ڏُکنِدَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ کي.

انڊيجنس تعليمي ڪانفرنس ملير

لطيف راولاڻي

سنڌ سماجي سٿ طرفان ملير جي عوامي پريس ڪلب ۾ انڊيجنس تعليمي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر ابوبڪر بلوچ مهمان خصوصي مسلم ليگ ن جي اڳواڻ قادربخش ڪلمتي انڊيجنس رائٽ الائنس جي چيئرمن سيد خداڏنوشاهه سنڌ سماجي سٿ جو مرڪزي چيئرمن واحدبخش ناريجو ايڊوڪيٽ هئا هن تعليمي ڪانفرنس ۾ پئنل گفتگو جو آغاز ڪيو ويو جنهن جي ماڊيٽرنگ غلام ني مگسي ڪئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر ابوبڪر بلوچ چيو ته ملير ۾ تعليم جو وڏو فقدان آهي اسڪول آهن ته پار ڪونه آهن اسان جو طرز تعليم به درست ڪونهي حڪومت انهي ڏس ۾ ڪو به ڌيان ڪونه ٿي ڏي صرف نصابي تعليم تي زور آهي ان کان علاوه شعوري تعليم تي ڪي به اپاءُ ڪونه ٿا ورتا وڃن شهري ۽ ٻهراڙي جي طرز تعليم ۾ فرق آهي جيڪي سهولتون شهري علائقن ۾ آهن اهي ٻهراڙي ۾ ڪونه آهن انڊيجنس رائٽ الائنس جي سيد خداڏنوشاهه چيو ته ملير ۾ سرڪار ۽ ان جي چاڙتن مقامي ماڻهن کان سندن ابن ڏاڏن کان مليل زمينون ڪسي اتي پورٽ قاسم ۽ اسٽيل مل ناهي انهن جو معاوضو اڄ ڏينهن تائين نه مليو آهي ڌرتي ڌڻين زمين وڪرونه ڪئي آهي جنهن جو وڏو مثال بحريا ٽاؤن آهي جتي به زوري زمين کٽي اتي بحريا ٽاؤن ناهي مقامي ماڻهن کي پنهنجي زمين تان بيدخل ڪيو ويو آهي جيڪا سنڌي قوم جي وجود جي خلاف هڪ وڏي سازش آهي هاڻي وري سيٽ لائيٽ ٽاؤن جي اسڪيم شروع ڪري باقي بچيل زمين تي به والار جاري آهي اسان ته تعليم کي هٿيار طور استعمال ڪيو آهي ان لاءِ باقاعده مزاحمت نه ڪئي آهي اسان بنيادي تعليم جي گهر ڪريون ٿا ته تعليم کي عام ڪيو وڃي مسلم ليگ ن جي اڳواڻ قادر بخش ڪلمتي چيو ته ملير ۾ تعليم موجود آهي ڏاها ماڻهو دانشور به آهن پر ملير کي بنيادي سهولتون نه ڏنيون ويون آهن هتي ڪابه ترقياتي رٿا منظور نه ٿي آهي ۽ نه ڪي بنيادي سهولتون ڏنيون ويون آهن سماجي اڳواڻ لال محمد پنهور چيو ته ملير ۾ پرائيوٽ اسڪولن ۾ سنڌي ڪونه ٿي پڙهائي وڃي اهي صرف ڪمائي جا ادارا هن جن اسان جي بنيادي تعليم کي تباهه ڪيو آهي انهي ڏس ۾ ڪي به سهولتون ڪونه آهن تعليمي سڌارا ڪٿي به نظر ڪونه ٿا اچن طبقاتي طرز تعليم جاري آهي.

جنهن سان تعليم جي تباهي آئي آهي پئنل گفتگو کان پوءِ ملير جي سياسي سماجي اڳواڻن به انهي ڏس ۾ پنهنجا خيال پيش ڪيا جنهن ۾ ڪرن جي اڳواڻ امير بخش خاصخيلي ۽ سليم جي ميمڻ فشرفوڪ جي اڳواڻ ايوب شان خاصخيلي انڊس ڊيلٽا فورم جي اڳواڻ شفيع مرگهر جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ امداد چاچڙ ايڊوڪيٽ جماعت اسلامي ملير جي امير ايوب خاصخيلي پاڪ مهراڻ جي اڳواڻ يوسف ڪچي سگا ملير نظير ميمڻ عوامي پريس ڪلب جي سرواڻ سامي ميمڻ استاد تنظيم جي اڳواڻ اطهر وگڻ ڪراچي يونيورسٽي جي شاگرد صبغت الله خاصخيلي کان علاوه ٻين پڻ انهي تعليمي ڪانفرنس ۾ حصو ورتو ۽ پنهنجا خيال پيش ڪيا هن پروگرام جي سربراهه واحدبخش ناريجو ايڊوڪيٽ مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ کي پنهنجي نقط نظر کان آگاهه ڪيو ۽ سنڌ سماجي سٿ جا اصول مقصد بيان ڪيا پروگرام جي ڪاروائي ممتاز ناريجو ايڊوجيٽ هلائي آجيان جي تقرير لاءِ لطيف راولاڻي آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا جيڪي پري پري کان ڪهي ڪري هن پروگرام ۾ ڀهتا ۽ تعليمي ڪانفرنس کي ڪامياب ڪيائون سنڌ سماجي سٿ جو مختصر تعارف منير ٻانڀڻ ايڊوڪيٽ پيش ڪيو آخر ۾ پروگرام جي ماڊيٽر سنڌ سماجي سٿ جي وائس چيئرمن غلام نبي مگسي چيو ته هي انڊيجنس ڌرتي ڌڻين جو تعليمي سيمينار هو جنهن جي تمام گهٽي گهرج هئي ته اهڙا تعليمي پروگرام ملير جي پريس ڪلبن ۽ ڳوٺن ۾ ڪيا وڃن اسان جو مقصد صرف تعليم کي عام ڪرڻ ۽ شعوري تعليم ڏيڻ آهي جيستائين اسان شعوري تعليم حاصل نه ڪنداسين ته اسان جو اڳتي وڌڻ بنا مقصد جي هوندو باني اڳواڻ سنڌ سماجي سٿ جي شمس جويو پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اهڙا تعليمي سيمينار ملير جي ٻين تعلقن ۾ پڻ ڪيا ويندا جن ۾ گڏاپ بن قاسم پپري منگهوپير ۽ ڪياماڙي جا علائقا آهن جن ۾ به سنڌ سماجي سٿ اهڙا پروگرام منعقد ڪندي ۽ شعوري تعليم کي عام ڪندي آخر ۾ ٺهراءُ پاس ڪيا ويا ته پرائيوٽ اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائي وڃي پرائيوٽ اسڪولن ۾ فيس تي ڏنل رعايت تي عمل درآمد ڪيو وڃي ملير جي زمينن تي قبضا ختم ڪيا وڃن ملير ايڪسپريس وي جي متاثرين کي گهربل معاوضو ڏنو وڃي ڳوٺن کي ليز ڪري پڪو ڪيو وڃي تعليم کي آسان ۽ سستو ڪيو وڃي جئين غريب جا ٻار اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن ملير ۾ شعوري تعليم لاءِ لائبريرين جو جار وڇايو وڃي ضلع ڪاونسل طرفان قائم ٿيل بند پيل لائبريرين کي کوليو وڃي ۽ انهن جي بلڊنگ تان قبضا ختم ڪرايا وڃن ملير جي تاريخي ماڳ مڪانن جو تحفظ ڪيو وڃي ملير سنڌ ۽ مهراڻ جون ڪئمپس قائم ڪيون وڃن ڪراچي يونيرسٽي ۾ سنڌي شاگردن مٿان حملا بند ڪري ڪين تعليم حاصل ڪرڻ جو بنيادي حق ڏنو وڃي حملي ۾ ملوث شاگردن جي خلاف ائڪشن ڪنيو وڃي.

بقايا ❊❊❊ 01

ٻنهي طرفن کان ملندڙ 3_3 نالن تي غور کان پوءِ 72 ڪلاڪن ۾ فيصلو ڪندي. جيڪڏهن ڪميٽي به فيصلو نه ڪري سگهي ته معاملو اليڪشن ڪميشن وٽ هليو ويندو.نگران بلوچستان جي وڏي وزير جي مقرري تي ڊيڊ لاڪ برقرار آهي. وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو ۽ اپوزيشن اڳواڻ ملڪ سڪندر کي نگران وڏي وزير جي مقرري لاءِ ملندڙ وقت ختم ٿي ويو. ٻنهي اڳواڻن ۾ ٿيندڙ ڪيترين ئي ملاقاتون بنا ڪنهن نتيجي جي ختم ٿي ويون جنهن کان پوءِ معاملو پارلياماني ڪميٽي جي حوالي ڪيو ويو آهي نگران وڏي وزير جي معاملي تي پارلياماني ڪميٽي ۾ حڪومت ۽ اپوزيشن جا 3_3 نمائندا شامل هوندا. پارلياماني ڪميٽي 3 ڏينهن دوران نگران بلوچستان جو وڏو وزير مقرر ڪندي. جيڪڏهن پارلياماني ڪميٽي به ناڪام رهي ته نگران بلوچستان جي وڏي وزير جي مقرري اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ڪندي نگران بلوچستان جي وڏي وزير لاءِ علي مردان ڏومڪي، جي يو آءِ جي مير عثمان باديني، بي اين پي جي حمل ڪلمتي، اڳوڻي اسيمبلي ميمبر پرنس احمد علي، اڳوڻو بيورو ڪريٽ شبير مينگل ۽ بي اي پي جو سينيٽر ڪهده بابت سميت مختلف نالا غور هيٺ آهن.

بقايا ❊❊❊ 02

تي ٻڌڻي سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ ٿي. سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري چيو ته عدالت متاثرين جي بحالي لاءِ 2 سالن جو وقت ڏنو هو. ماهوار رپورٽ به جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي هئي پر سنڌ حڪومت اڄان تائين ڪابه اڳيرائي رپورٽ پيش نه ڪئي آهي. درخواستگذار جي وڪيل طرفان مراد علي شاهه کي توهين عدالت تي جيل اماڻڻ واري مطالبي تي جسٽس محمد علي مظهر ريمارڪس ڏنا ته وڏي وزير جا هڪ به ڏينهن رهجي ويا آهن ڪيس جيل اماڻي جا ڪنداسين. اوهان عمل چاهيو ٿا اسان به اهڙن ماڻهن ڏانهن حڪم جاري ڪندا آهيون جن مان ڪجهه حاصل ٿي سگهي. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته مراد علي شاهه سپائي اچي چئي سگهي ٿو ته مان وڏو وزير نه رهيو آهيان. مون پنهنجي دور ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر عمل نه ڪرائي سگهيس. اسان سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمل چاهيون ٿا. هڪ ٻن ڏينهن دوران نگران حڪومت اچي ويندي انهن کان جواب طلب ڪنداسين جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي سپائي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.عدالت سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه کي توهين عدالت جا نوٽيس جاري ڪندي چيف سيڪريٽري سنڌ، ڪمشنر ڪراچي ۽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ کي سپائي طلب ڪري ورتو آهي. ٻڌڻي جي موقعي تي گجر نالي جي متاثرين سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري جي ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاجي مظاهري ۾ اورنگي ۽ گجر نالي جي متاثرين ۾ ٻار، عورتون ۽ بزرگ شامل هئا. متاثرين هٿن ۾ قومي جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي رهيا هئا. متاثرين گهرجي بدلي گهر ڏيو ٻئي صورت ۾ ڪرسي ڇڏي ڏيو جا نعرا لڳايا.

بقايا ❊❊❊ 03

لاڳو ڪري ڇڏي آهي. اهڙو اعلان وفاقي، صوبائي ۽ مقامي ادارن تي لاڳو هوندو اليڪشن ڪميشن موجب اهڙي اعلان بابت اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري نگران حڪومتن کي خط لکي ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان سڄي ملڪ ۾ سمورين پرتين ۽ بدلين تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي جنهن جو اطلاق وفاقي، صوبائي ۽ مقامي ادارن تي هوندو. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان اڳوڻن وزيرن، صلاحڪار ۽ مددگارن کان سرڪاري گاڏيون واپس وٺڻ جو به حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته اسيمبلي ميمبرن کان به سرڪاري گاڏيون واپس وٺڻ ۽ رهائشگاهون خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. جڏهن ته نگران وزيراعظم، وڏا وزير ۽ ڪابينه ميمبرن جي اثاثن جا تفصيل به طلب ڪيا ويا آهن.اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته نگران حڪومتون قانون موجب روزاني جي بنياد تي معاملا هلائينديون جڏهن ته جاري عالمي ۽ ٻطرفن معاهدن تي عمل ڪرائي سگهنديون. اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري نگران حڪومتن کي پابندين بابت خط لکي ڇڏيو آهي. ياد رهي ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ ڊسمبر کان نگران حڪومتون قائم آهن. پي ٽي آءِ ٻنهي صوبن ۾ پنهنجون حڪومتون ختم ڪري ڇڏيون هيون. جڏهن ته وفاق ۽ سنڌ ۾ نگران حڪومتون قائم ٿي ويون آهن جڏهن ته بلوچستان ۾ نگران وڏي وزير جي نالي تي حڪومت ۽ اپوزيشن ۾ اتفاق نه ٿي سگهيو. ملڪ ۾ عام چونڊون نومبر تائين ٿيڻيون آهن جڏهن ته امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته چونڊن ۾ فيبروري يا مارچ تائين دير ٿي سگهي ٿي.

بقايا ❊❊❊ 04

جو ڪيس داخل ڪري ورتو ايف آءِ اي جي دهشتگردي جي خاتمي واري ونگ پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف سائفر گمشدگي جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. سائفر معاملي جي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي انهي معاملي جي جاچ ڪندي.ياد رهي ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي اڳوڻي پرنسپل سيڪريٽري اعظم خان سائفر بابت پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو هو جنهن ۾ هن سائفر کي هڪ سوچيل سمجهيل سازش قرار ڏنو هو واضح رهي ته گذريل سال مارچ ۾ هڪ جلسي دوران ان وقت جي وزيراعظم عمران خان پنهنجي کيسي مان خط ڪڍي دعويٰ ڪئي هئي ته منهنجي خلاف اپوزيشن جي عدم اعتماد جي پاليسي پرڏيهي سازش جو نتيجو هئي سون کي اقتدار کان هٽائڻ جي لاءِ پرڏيهي ملڪن مان فنڊز اماڻيا ويا.

بقايا ❊❊❊ 05

144 لاڳو ڪيو ويو آهي ۽ حالتن تي ضابطي لاءِ رينجرز طلب ڪئي وئي آهي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ، اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، آصف علي زرداري، مريم نواز ۽ ٻين واقعي جي سخت مذمت ڪئي آهي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جڙانوالا ۾ اقليتن جي ملڪيتن تي حملن جي واقعي جو نوٽيس وٺندي جوابدارن جي فوري گرفتاري جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. نگران وزيراعظم انوار الحق واقعي جي مذمت ڪندي پنهنجي بيان ۾ چيو ته جڙانوالا سانحي جا منظر حيران ڪري ڇڏيا آهن. اقليتن کي نشانو بڻائڻ وارن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي ۽ قانون هٿ ۾ کنيو ويندو. هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي به هدايتون جاري ڪيون آهن ته هو جڙانوالا واقعي جي ذميوارن کي گرفتار ڪري انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي. پنهنجي هڪ بيان ۾ نگران وزيراعظم چيو ته هو يقين ڏياريو ته حڪومت سمورن پاڪستانين کي برابر جو تحفظ فراهم ڪندي. ٻئي طرف اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف پنهنجي ايڪس (ٽوئٽر) اڪائونٽ تي پيغام ۾ چيو آهي ته جڙانوالا ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو تمام گهڻو پريشان ڪندڙ هو. ڪنهن به مذهب ۾ تشدد جي ڪا به جاءِ ناهي. سڀ عبادتگاهون، مقدس ڪتاب ۽ شخصيتون آهن معتبر ۽ مقدس آهن. اسان کي انهن جو احترام ڪرڻ گهرجي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ اڳوڻي وزيراعظم حڪومت کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي ذميوارن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ سمورن مڪاتب فڪر جي عالمن کي به اپيل ڪئي ته هو اڳتي اچن ۽ اهڙي عمل جي مذمت ڪن. هن چيو ته پاڪستان سڀني مذهبن جي ماڻهن جو ملڪ آهي. هتي اهڙي جنون جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. پنجاب حڪومت جڙانوالا واقعي جي اعليٰ سطحي انڪوائري جو حڪم ڏيندي چيو آهي ته هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت امن کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.پنجاب حڪومت جي ترجمان چيو ته قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي جاچ جاري آهي. جوابدارن جي گرفتاري جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. اقليتي آبادي تي حملي جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن کي پوليس ناڪام بڻائي ڇڏيو پنجاب حڪومت جو چوڻ آهي ته امن ڪميٽي کي متحرڪ ڪيو ويو. پوليس 100 کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو ان سان گڏ ڪمشنر، ريجنل پوليس آفيسر (آر پي او)، ڊپٽي ڪمشنر ۽ سٽي پوليس آفيسر (سي پي او) فيصل آباد موجود آهن. اڳوڻي بجاءِ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته پاڪستان مذهب ۽ قوميت جي تفريق ڪانسواءِ سڀني جو وطن آهي. جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته مذهب جي نالي تي قانون هٿ ۾ کڻڻ جو ڪنهن کي به حق ناهي. خواجا آصف چيو ته جڙانوالا واقعي سڄي قوم کي شرمسار ڪري ڇڏيو آهي. اقليتن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ مسلم اڪثريت تي فرض آهي. اڳوڻي وفاقي وزير مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته اسان جو مذهب محبت ۽ رواداري جو درس ڏئي ٿو. اسان جو رويو اسان جي مذهب سان مطابقت نٿو رکي. قانون جي نفاذ کي غير امتيازي هجڻ گهرجي. مسلم ليگ (ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز جو چوڻ آهي ته مذهبن ۽ مذهبي عبادتگاهن تي حملا ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن.لاهور ۾ پنهنجي هڪ بيان ۾ مريم نواز چيو ته جڙانوالا فيصل آباد ۾ پرتشدد واقعن جي سخت مذمت ڪريون ٿا. هن چيو ته پاڪستاني رياست اقليتن کي برابري جا حق ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي پابند آهي. اشتعال ۽ انتهاپسندي ڪنهن جي به حق ۾ ناهي مسلم ليگ ن جي اڳواڻ مريم نواز وڌيڪ چيو آهي ته پنجاب حڪومت واقعي جي سمورن ڪردارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي.

بقايا ❊❊❊ 06

جي بجاءِ پنهنجي جڳهه ناهڻ ۽ پاڻ کي احتساب کان بچائڻ جي لاءِ هڪ کان پوءِ ٻئي طريقي جو استعمال ڪيو جنهن سبب رياست جي بنيادن کي تمام گهڻو نقصان پهتو شاهه محمود قريشي چيو ته اڳوڻن حڪمرانن تحريڪ انصاف کي چونڊ ڊوڙ کان ٻاهر ڪرڻ جي نيت سان رياستي ادارن جو استعمال ڪيو پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي اٽڪ جيل ۾ انسانيت سوز حالتن ۾ رکيو ويو آهي. جيل ۾ عمران خان سان رکيل سلوڪ ڪنهن به ملڪ جي انتظامي ۽ عدالتي نظام جي چهري تي هڪ بدنما داغ آهي. عمران خان کي آئين ۽ جيل جي قاعدن موجب بنيادي حقن جي فراهمي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن.هن چيو ته تحريڪ انصاف جي 10 هزار کان وڌيڪ ڪارڪنن مٿان پابنديون لڳايون ويون آهن. عدالتي حڪمن جي به توهين ڪئي پئي وڃي. ملڪ کي بيهر آئين ۽ قانون جي رستي تي هلائڻ جو وقت اچي ويو آهي. هن چيو ته اسيمبلي جو قانوني وقت کان اڳ اسيمبلي ٽوڙڻ جي صورت ۾ 90 ڏينهن ۾ چونڊون منعقد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو ان ڪري اسان جو پرزور مطالبو آهي ته اوهان چونڊن کي وقت تي ڪرائڻ کي يقيني بڻايو. شاهه محمود قريشي چيو ته گڏيل مفادن واري ڪائونسل طرفان آدمشماري جي نتيجن جي دير سان منظوري کان پوءِ نئين تڪ بندين جي معاملي کي چونڊن ۾ التوا جو بهانو نٿو بڻائي سگهجي. اسان گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي فيصلي کي عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا.

بقايا ❊❊❊ 07

آفريدي ۽ شانداڻه گلزار جي ايم پي او جي تحت گرفتاري جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار ڪئي. شهريار آفريدي پنهنجي وڪيل شير افضل مروت سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران شهريار آفريدي قرآن پاڪ کڻي روسٽرم تي اچي ويو جڏهن ته جسٽس بابر ستار ڊپٽي ڪمشنر کي روسٽرم تي گهرائي ورتو ڊپٽي ڪمشنر عدالت کي ٻڌايو ته 9 مئي جا واقعا سڀني جي سامهون آهن. انٽيليجنس رپورٽن موجب شهريار آفريدي اشتعال پکيڙيو. شهريار آفريدي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ مٿان حملي جي منصوبه بندي ۾ ملوث هجڻ جون به رپورٽون آهن. عدليه جي خلاف مهم ۾ به ان جو نالو آيو آهي.جسٽس بابر ستار پڇاڻو ڪيو ته جيل ۾ هجڻ باوجود هن ماڻهن کي ڪيئن اشتعال ڏياريو؟ جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر ٻڌايو ته منهنجون اکيون ۽ ڪن ته انٽيليجنس رپورٽون ٿي آهن. عدالت ايس ايڇ او کان سوال ڪيو ته شهريار آفريدي جي پلاننگ بابت اوهان وٽ ڪهڙي ڄاڻ هئي؟ جنهن تي ايس ايڇ او ٻڌايو ته مان ان وقت اتي ايس ايڇ او مقرر نه هئس. ڪنهن ٻئي وٽ چارج هئي. جسٽس بابر ستار چيو ته پوءِ ته اوهان جي ڄاڻ آجي ٿي وئي.جسٽس بابر ستار پڇيو ته شهريار آفريدي جي گرفتاري وقت ڊي پي او ڪير هو؟ جنهن تي لاڳاپيل ڊي پي او روسٽرم تي اچي ويو. عدالت ان کان پڇيو ته اوهان وٽ ڪهڙي ڄاڻ هئي شهريار آفريدي جي پلاننگ بابت؟ جنهن تي ڊي پي او ٻڌايو ته مان ان وقت موڪل تي ويل هئس. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڊپٽي ڪمشنر کان پڇاڻو ڪيو ته ڇا اوهان شوڪاز نوٽيس جو جواب فائيل ڪري ڇڏيو آهي؟ جنهن تي هن ٻڌايو ته جي بلڪل لکت ۾ جواب داخل ڪرائي ڇڏيو آهي جسٽس بابر ستار پڇيو ته 8 مئي تي اسلام آباد ۾ ڇا ٿي رهيو هو. ڇا اوهان وٽ ڄاڻ آهي؟ انهن رپورٽن جي روشني ۾ اوهان کي پنهنجو مائنڊ اپلائي ڪرڻ گهرجي. پوليس اختياريون ٻڌائين ته 8 مئي تي اسلام آباد جي ڪهڙي صورتحال هئي؟ آءِ جي اسلام آباد اڪبر ناصر خان عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ ٻڌايو ته واقعي ٿيڻ کان اڳ خدشن جي بنياد تي ڪاروائي ڪئي وئي. اسان اهي ڪاروايون امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ جي لاءِ ڪيون. جسٽس بابر ستار ريمارڪس ڏنا ته اسپيشل برانچ جي رپورٽ ته صرف هڪ مذاق آهي اهو نوٽيفڪيشن ڪئي آهي جنهن تي شهريار آفريدي کي گرفتار ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. ايس ايس پي جي وڪيل طاهر ڪاظم عدالت کي ٻڌايو ته پهريون ايم پي او آرڊر ڪالعدم ڏيڻ جا سبب مختلف هئا. عدالت چيو ته نظربندي جا حڪم بعد ۾ جاري ٿيا. جڏهن ته گرفتاري پهريان ڪئي وئي. ٽريت الرٽس تي ڪاروائي خدشن جي بنياد تي ئي ڪئي ويندي آهي.جسٽس بابر ستار چيو ته عدالت آرڊر ڪالعدم قرار ڏئي ٿي ته مٿان وري نئون ايم پي او آرڊر اچي ويندو آهي. جسٽس بابر ستار ايس ايس پي آپريشن جو جواب به غير تسلي بخش قرار ڏيندي چيو ته ايس ايس پي آپريشن تي به فرد جرم لاڳو ڪئي ويندي. شهريار آفريدي سان اڊيالا جيل ۾ ڪنهن ڪنهن ملاقات ڪئي؟ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جيل سپرنٽينڊنٽ کان تفصيل طلب ڪري ورتا. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد جي جواب کي غير تسلي بخش قرار ڏيندي ان جي خلاف توهين عدالت جي ڪاروائي جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. جسٽس بابر ستار پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد تي چارج فريم ڪيو ويندو. جسٽس بابر ستار پڇاڻو ڪيو ته آفريدي صاحب اوهان جو گهر ڪٿي آهي اسلام آباد ۾ آهي؟ جنهن تي شهريار آفريدي ٻڌايو ته جي، منهنجو پنهنجو گهر موجود آهي.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شهريار آفريدي بابت ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جو ايم پي او آرڊر معطل ڪندي ڪيس اسلام آباد ۾ پنهنجي رهائشگاهه وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. جنهن کان پوءِ عدالت شانداڻه گلزار جي ايم پي او جي تحت گرفتاري جو حڪم به معطل ڪري ڪيس به فوري طور تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو ته جيڪڏهن شانداڻه گلزار کي ڪجهه ٿيو ته آءِ جي ۽ چيف ڪمشنر ذميوار هوندا.جڏهن ته شاندار گلزار هاڻ اسلام آباد کان ٻاهر نه وڃي سگهندي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شهريار آفريدي ۽ شانداڻه گلزار جي گرفتاري خلاف درخواست جي ٻڌڻي 2 هفتن جي لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 08

پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته سياسي پارٽين جي اڳواڻن ملي فيبروري ۾ چونڊن جو فيصلو ڪيو آهي. 15 فيبروري کان 2 کان 4 ڏينهن اڳ يا بعد ۾ چونڊون ٿينديون. هن چيو ته پهريان اهو چيو پئي ويو ته چونڊن کي التوا جو شڪار ڪيو ويندو پر 15 ڏينهن اڳ فيبروري ۾ چونڊن جو فيصلو ڪيو ويو چونڊون فيبروري 2024 ۾ ٿينديون. جيڪڏهن چونڊون آڪٽوبر ۾ ٿين ها ته نواز شريف هن وقت تائين ملڪ پهچي چڪو هجي ها.اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ چيو ته ڪاغذ پينسل کڻي منهنجي اها ڳالهه لکي ڇڏيو ته 16 فيبروري کان هڪ هفتو پهرين يا 15 فيبروري جي هڪ هفتي کان پوءِ چونڊون ٿي وينديون.ٻئي طرف اڳوڻي گهرو وزير ۽ (ن) ليگ جي اڳواڻ راڻا ثناءالله نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي چيو ته نگران سيٽ اپ سان ملڪ اڳيان نٿو هلي سگهي. 9 مئي واقعن ۾ ملوث ڪنهن به ميمبر کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نه هجڻ گهرجي.هن چيو ته رياست تي حملو ڪندڙن کي هن رياست ۾ سياست ڪرڻ جو ڪوبه حق نه هجڻ گهرجي. نوازشريف 2 پيرا ملڪ کي بحران مان ڪڍيو موجوده حالتن ۾ قوم نوازشريف جي ئي ڳالهه کي ٻڌندي.

بقايا ❊❊❊ 09

کي گرفتار ڪري ورتو آهي.ايس ايس پي موجب گذريل رات پوليس جي ڇاپا مار ڪاروائي ۾ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جن کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. جسماني ريمانڊ حاصل ڪرڻ بعد جاچ جو دائرو به وسيع ڪيو ويندو. سينيئر صحافي جان محمد مهر جي شهادت ناقابل تلافي نقصان آهي ۽ ان عمل ۾ ملوث سمورا جوابدار گرفتار ڪيا ويندا. هوڏانهن سنڌ سرڪار به ايس ايس پي سکر جي سربراهي ۾ هڪ جي آءِ ٽي جوڙي ڇڏي آهي. گڏيل جاچ ٽيم ۾ آءِ ايس آءِ، ايم آءِ، آءِ بي ۽ ٻيا اهلڪار شامل هوندا. جي آءِ ٽي کي 30 ڏينهن اندر جاچ ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 10

استحڪام ۽ ترقي لاءِ سعودي حڪومت جي سهڪار تي سندس ٿورا مڃيا.ان موقعي تي نگران وزيراعظم چيو ته سعودي عرب پاڪستان کي هميشه پنهنجو قابل اعتماد دوست سمجهندو هن چيو ته اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (SIFC) اڳ وانگر ڪم ڪندي رهندي. اهو تيزيءَ سان پرڏيهي سيڙپڪاري لاءِ بنياد فراهم ڪندو.

بقايا ❊❊❊ 11

جا تفصيل سامهون اچي ويا آهن توشه خانه مان ورتل گهڙي جون جعلي رسيدون ناهڻ جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي گهرواري بشريٰ بي بي عدالتي حڪمن تي جاچ ۾ شامل ٿي پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو بشريٰ بي بي پوليس جي جاچ ٽيم آڏو ڏنل بيان ۾ جعلي رسيدون ناهڻ جو الزام رد ڪري ڇڏيو جڏهن ته رسيدون ٺهرائڻ بابت سامهون ايندڙ آڊيوز ۾ آواز به ڪنهن ٻئي جي قرار ڏئي ڇڏي. ذريعن موجب پوليس جي جاچ ٽيم 25 سوال تيار ڪيا هئا پر بشريٰ بي بي کان 23 سوال پڇيا ويا جيڪي گهڙو ڪري توشه خانه تحفن بابت هئا. گهڙي وڪرو ڪرڻ جون جعلي رسيدن بابت سوال تي اڳوڻي وزيراعظم جي گهرواري چيو ته مون کي خبر ناهي ته رسيدون ڪٿان کان آيون ۽ ڪنهن ٺهرايون آهن. بشريٰ بي بي ٻن آڊيوليڪس ۾ آواز به پنهنجي هجڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سوالن جي جواب ۾ بشريٰ بي بي چيو ته آڊيوز ۾ آواز منهنجي نه آهي. جاچ ٽيم آڊيوز اڳوڻي خاتول اول کي ٻڌرايون ته هن آڊيوز کي فيڪ قرار ڏئي ڇڏيو. جنهن کان پوءِ جي ٽيم آڊيوز جو فرانزڪ ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. جڏهن ته رپورٽ کي رڪارڊ جو حصو بڻايو ويندي.

بقايا ❊❊❊ 12

جي قيمتن ۾ رڪارڊ واڌ ٿي وئي آهي حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ کان پوءِ پيٽرول 17 روپيه 50 پئسا في ليٽر جڏهن ته ڊيزل جي قيمت ۾ 20 روپين تائين واڌ ڪئي وئي آهي جنهن کان پوءِ پاڪستان ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتون تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويون آهن. پيٽرول جي نئين قيمت 290 روپيه 45 پئسا في ليٽر ٿي وئي آهي. جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي نئين قيمت 293 روپيه 40 پئسا في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي.ناڻي واري وزارت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن موجب پيٽرول تي 55 روپيه في ليٽر جڏهن ته ڊيزل تي 50 روپيه في ليٽر ليوي برقرار رکي وئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 13

رانيپور درگاهه جي مريد ايس ايڇ کي ڪاروائي نه ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ تي معطل ڪيو ويو آهي. ساڳئي پيرائي درگاهه جي سفارش تي پنهنجن پيرو ايس ايڇ او لڳنڊو امير چانگ متاثر خاندان تي دٻاءُ وجهي بيان ورتو ته نينگري طبعي موت مئي آهي. ايس ايڇ او بنا پوسٽ مارٽم جي وارثن تي دٻاءُ وجهي لاش دفنائي ڇڏيو ايس ايس پي خيرپور مير روحل کوسو. جوابدار پير اسد شاهه جي گرفتاري جي تصديق ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته قبر ڪشائي ڪرائي پوسٽ مارٽم ڪرائينداسين. وارث ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ تيار آهن. ڪين رانيپور ٿاڻي وٺي پيو وڃان. خانواهڻ جي ڳوٺ علي محمد ڦرڙو واسي فاطمه ولد نديم ڦرڙو جو تشدد ۾ مبينا طور تي فوت ٿي ويل نينگريءَ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي خيرپور ازخود نوٽيس وٺي انڪوائري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته وائرل ٿيل وڊيوجيڪا حويلي جي سي سي ٽي وي ۾ رڪارڊ ٿيل آهي، ان ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته نياڻي جي جسم تي تشدد ۽ ڏنبن جا نشان چٽا ظاهر آهن. ٻڌايو پيو وڃي ته معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو رانيپور ۾ پنهنجن مرشدن وٽ خدمت لاءِ ترسيل هئي. جنهن جو تشدد ٿيل لاش پنهنجي وارثن وٽ پهتو آهي. رابطو ڪرڻ تي رانيپور پوليس جو چوڻ آهي ته نينگري جي وارثن کي پير ٻڌايو ته اوهانجي نينگريءَ پيٽ جي سور ۾ فوت ٿي وئي آهي. پر نينگري جي جسم تي سخت تشدد ٿيل آهي. جڏهن ته ويڊيو ۾ نينگري ڪمري اندر جيڪا تڙپي رهي آهي ۽ اها اتي ئي فوت ٿي وئي آهي. جنهن بعد گهر پهتل لاش جي وائرل ٿيل ويڊيو ۾ نينگريءَ مٿان تشدد جا چٽا نشان نظر اچي رهيا آهن. جنهن بعد وارثن پنهنجي مرشدن مٿان ڪڪ رکندي پنهنجي بيگناهه تشدد ۾ فوت ٿي ويل نينگريءَ کي بغير پوسٽ مارٽم جي دفنائي ڇڏيو آهي. جنهن مان به ڪيترائي خدشا ظاهر ٿي پيا آهن. پوليس پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته اسين انڪوائري ڪري رهيا آهيون ۽ وارثن جا بيان قلم بند ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته ڊاڪٽر عبدالفتاح ميمڻ به غلط بياني ڪندي چيو آهي ته ڇوڪري کي پيٽ جي بيماري هئي مٿس تشدد ٿيل نه هو موجب ته نينگريءَ کي ڪامڻ جو مرض هيو سندس امڙ جي موقف موجب ته نينگريءَ کي تشدد ڪري قتل ڪيو ويو آهي. اسان مٿان زور هجڻ ڪري اسان بيان نه ڏئي رهيا هئاسين. منهنجي نياڻي جا قاتل گرفتار ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. ٻئي پاسي ڊي آءِ جي سکر 24 ڪلاڪن اندر نياڻي جا قاتل گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ان خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي.

بقايا ❊❊❊ 14

لاءِ لڳ ڀڳ سمورا نالا فائنل ٿي ويا آهن ۽ هاڻي رڳو حتمي مشاورت ٿي رهي آهي جنهن ڪانپوءِ نگران ڪابينا جو اعلان اڄ ٿي سگهي ٿو ذريعن جو چوڻ آهي ته نگران ڪابينا کي اڄ حتمي شڪل ڏني ويندي ۽ ڪابينا ميمبرن جي سڀاڻي قسم کڻڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب اطلاعات واري وزارت لاءِ نگران ڪابينا ۾ محمد علي دراني جو نالو شامل ناهي. پر اطلاعات واري وزارت دفاعي تجزيه نگار سيد محمد علي کي ڏيڻ جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته نگران ڪابينا ۾ پرڏيهي وزارت جي ذميواري اڳوڻي سفارتڪار جليل عباس جيلاني کي ڏيڻ جو امڪان آهي. جيڪو آمريڪا ۾ پاڪستان جو اڳوڻو سفير پڻ رهي چڪو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سلطان علي الائنا جو نالو گذريل ڏينهن نگران ناڻي واري وزير لاءِ فائنل ڪيو ويو هو پر سندس ٻٽي شهريت سبب نگران ناڻي واري وزير لاءِ وڌيڪ ٻن نالن تي غور ڪيو پيو وڃي. جن مان هڪ کي نگران ناڻي واري وزير جي ذميواري ڏني ويندي.ذريعن موجب نگران ناڻي واري وزير لاءِ اڳوڻي ناڻي واري وزير حفيظ شيخ ۽ اسٽيٽ بئنڪ جي اڳوڻي گورنر رضا باقر جي نالن تي غور نه ڪيو پيو وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته نگران گهرو وزير لاءِ سرفراز بگٽي جو نالو سڀ کان وڌيڪ سامهون اچي رهيو آهي. جنهن جو هڪ سبب اهو به آهي ته هو اڳوڻو گهرو وزير آهي.

بقايا ❊❊❊ 15

ٿيندي اضافو سمورين ايڪسپريس، شٽل، پسينجر، انٽرسٽي ٽرينن ۽ ريلوي سيلون تي هوندو. ڪراچي کان شڪارپور جو ڀاڙو 200 روپين جي اضافي کان پوءِ 1600 روپيه ٿي ويو ڪراچي کان ميهڙ جو ڀاڙو 100 روپيه واڌ کان پوءِ 1400 روپيه ٿي ويو ڪراچي کان لاڙڪاڻي جو ڀاڙو 100 روپيه واڌ سان 1500 روپيه ٿي ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب سمورين ڊويزنن جا ڊي ايس، ڊي سي ۽ ريلويز اضافو ڪيل ڀاڙن تي عمل ڪرائڻ جا پابند هوندا. ٻئي طرف مسافر ٽرينن کان علاوه مال گاڏين جي ڀاڙن ۾ به 5 سيڪڙو واڌ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اڄ شام تائين ڀاڙن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو ان سان گڏ آل پاڪستان پبلڪ ٽرانسپورٽ آنرز فيڊريشن به ڀاڙن ۾ 100 کان 150 روپين تائين واڌ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. چيئرمين عصمت الله نيازي چيو آهي ته روزاني پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ڪاروبار کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي پبلڪ ٽرانسپورٽ لاءِ نون ڀاڙن جي لسٽ تيار ڪئي وئي آهي جيڪا سمورن ٽرانسپورٽرز سان مشاورت کان پوءِ سڀاڻي کان لاڳو ڪئي ويندي.

بقايا ❊❊❊ 16

علي امين گنڊاپور ۽ حماد اظهر به اشتهاري قرار ڏنا ويا آهن. جوابدارن کي ڪيس نمبر 22/96 ۾ جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ ڪيترائي ڀيرا گهرايو ويو هو پوليس موجب طلبي جي نوٽيسن باوجود جوابدار جاچ ۾ شامل نه ٿيا. جوابدارن جي گهرن، فارم هائوسن ۽ آفيسن تي به ڇاپا هنيا ويا. عدالت کان حڪم وٺڻ کان پوءِ جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏنو ويو. گڏيل طور تي 282 مفرور جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا ❊❊❊ 17

وڏي وزير پرويز الاهي جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. جنهن ۾ عدالت لاهور هاءِ ڪورٽ کي پرويز الاهي جي درخواستن تي 21 آگسٽ تي فيصلو ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو ته جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ 21 آگسٽ تي فيصلو نه ڏنو ته گرفتاري جو عبوري حڪم معطل ڪيو ويندو بعد ۾ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي الجاتال مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 18

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي سزا خلاف اپيل تي ٻڌڻي 22 آگسٽ تي ٿيندي. ڊويزنل بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان سزا خلاف اپيل تي ٻڌڻي ڪندي. چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ٻڌڻي ڪندي.

بقايا ❊❊❊ 19

جاچ ٽيم هڪ مهيني اندر جاچ مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪندي. جان محمد مهر جي قتل جو ڪيس 11 نامزد ۽ 3 اڻڄاتل ماڻهن خلاف داخل ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ سکر، شڪارپور ۽ روهڙي مان 15 جوابدار حراست ۾ آهن.

بقايا ❊❊❊ 20

ته پوليس اميد علي جاگيراڻي کي آزاد ڪري، ڪاهي ويل جو پاڻو مال واپس ڪري ۽ مارجي ويل ٻن ڌاڙيلن جو سامان واپس ڪيو وڃي ڌاڙيلن پاران مطالبا نه مڃڻ جي صورت ۾ پوليس اهلڪار خالد ڪوراڻي کي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني وئي آهي، مغوي اهلڪار جا گهرڀاتي پريشانين ۾ ورنجي ويا

بقايا ❊❊❊ 21

چڪو آهي صوبي ۾ قائم 217 ڪلينڪس مان صرف 23 ۾ پي سي آر ٽيسٽ جي سهوليت موجود آهي دستاويزن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هينئر تائين 9 لک 81 هزار کان وڌيڪ پي سي آر ڪيا ويا آهن. انتهائي موذي مرض جي 62 سيڪڙو ٽائين پڪڙجڻ جو سبب سرنج جو لاڳيتو استعمال آهي. رپورٽ موجب پنجاب ۾ هيپاٽائيٽس سي جا 76 هزار کان وڌيڪ مريض موجود آهن. تازو ڪيل اسڪريننگ سان هيپاٽائيٽس جا هڪ لک 38 هزار مريض سامهون آيا آهن. دستاويزن موجب ان کان اڳ صوبي ۾ هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جا 4 لک مريض رجسٽرڊ هئا.

بقايا ❊❊❊ 22

سان پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جي بدنامي ٿي رهي آهي. اهڙن واقعن جي ڪنهن به مهذب معاشري ۾ ڪا جاءِ ناهي.

بقايا ❊❊❊ 23

اپيل تي فيصلو معطل ڪندي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 2 هفتن ۾ جواب طلب ڪري ورتو جڏهن ته عدالت اپيل جي ايندڙ ٻڌڻي سيپٽمبر جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. جسٽس انور حق ڊپٽي ڪمشنر راولپنڊي جي ايم پي او آرڊر کي عدالتي اجازت سان مشروط ڪري ڇڏيو. عدالت ڊي سي کي هدايت ڪئي ته ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ کان اڳ عدالت کان اجازت وٺي شهريار آفريدي جي نظربندي خلاف داخل درخواست تي فيصلو ٻڌايو ويو. عدالت شهريار آفريدي ۽ سندس پاءُ سميت پي ٽي آءِ جي 57 ڪارڪنن جا ايم پي او آرڊر معطل ڪري ڇڏيا.

بقايا ❊❊❊ 24

رضوانه جي ماءُ درخواست ۾ چيو آهي ته منهنجي ڌيءَ کي بدترين تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي.ڇوڪري جي ماءُ اهو به الزام هنيو ته هوڏهن پنهنجي ڌيءَ سان ملڻ وئي ته کيس به ڪمري ۾ بند ڪيو ويو.درخواست ۾ چيو ويو آهي ته مالڪ ڇوڪريءَ کي روز تشدد جو نشانو بڻائيندي هئي ۽ چوندي هئي ته ڪنهن کي ٻڌايو ته ڪيس قتل ڪيو ويندو.

بقايا ❊❊❊ 25

.لاهور مان جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ سراج الحق چيو ته نگران حڪومت گذريل حڪومتن جي ظالمانه عملن جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. امير جماعت اسلامي چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ 20 ربيا في ليٽر تائين اضافو غريب عوام تي ظلم جي انتها آهي هن چيو ته حڪمران آءِ ايم ايف جي حڪم تي عوام جو رت وهائي رهيا آهن. عوام جي حالت تي رحم ڪيو وڃي. سراج الحق چيو ته نگران حڪومت عوام کي رليف ڏئي. هن چيو ته قوم ظلم خلاف اٿي بيهي ۽ جماعت اسلامي جي پرامن احتجاج جو حصو بڻجي.

بقايا ❊❊❊ 26

سگهي ٿي. موسميات کاتي موجب شهر ۾ ايندڙ ٽي ڏينهن موسم جهڙالي ۽ بوندا باندي يا هلڪي برسات جو به امڪان آهي. ان دوران وڌ کان وڌ گرمي پد 30 کان 32 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهي سگهي ٿو موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته سنڌ جي مختلف حصن ۾ موسم گرم رهندي. جڏهن ته ساموندي پٽي ۾ به بوندا باندي ۽ هلڪي برسات جو امڪان آهي.

بقايا ❊❊❊ 27

پي سيد اسد رضا شامل آهن. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ پنهنجي ۽ سنڌ پوليس طرفان مبارڪباد ڏيندي تنهي آفيسرن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيس ان موقعي تي سمورا ايڊيشنل آءِ جين، ڊي آءِ جيز ۽ اي آءِ جيز به موجود هئا.

بقايا ❊❊❊ 28

ارب روپين جو قرض ورتو حڪومت جو قرض 38 هزار 808 ارب رپيا ملڪي ۽ 22 هزار 30 ارب رپيا پرڏيهي قرض آهي. هلندڙ مالي سال 2023 ع ۾ حڪومت جي مقامي قرضن ۾ 7772 ارب رپيا جڏهن ته پرڏيهي قرضن ۾ 5 هزار 284 ارب روپين جو اضافو ٿيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 29

پيو وڃي ته هو پنهنجي کاڌ جي شين ۾ ڪيلوريز کي شامل ڪن اها ڳالهه هن جامعه ڪراچي جي شعبي فوڊ سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ منعقد ڪيل سيمينار کي مهمان خاص جي حيثيت سان خطاب ڪندي چئي. سيمينار کي منعقد سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ هاري ڪيو هو. سيمينار جو مقصد مينيو ليبلنگ ۽ غذائيت اجزاء خاص طور تي مٺايون ۽ پڪل تيار ٿيل شين جي بابت ڌيان ڏيارڻ هو هاري جي صدر شيخ محمد تحسين شرڪت ڪندڙن کي پليڪار چيو ۽ هاري جي تاريخ ۽ بيڪرز کي ڏيڻ واري آگاهي جي بابت ٻڌايو ڊاڪٽر ايس اير غفران سعيد مينو ليبلنگ ۽ غذائيت جي اجزاء بابت طريقيڪار جي وضاحت ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊائريڪٽر جنرل فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين مينو ليبلنگ جي اهميت ۽ عملي عمل جي باري ۾ ٻڌايو هن چيو ته ماڻهن کي کاڌ پيئڻ جي شين جي معيار جي باري ۾ ڄاڻڻ جو حق آهي جيڪا انهن کي فراهم ڪئي پئي وڃي. هاري جي نائب صدر ثاقب احمد سيشن جي بچائي تي شرڪت ڪندڙن جو شڪريه ادا ڪيو.

بقايا ❊❊❊ 30

پوسٽ مارٽم جي نياڻي دفنائي وئي، وارثن پاران نياڻيءَ مٿان تشدد بعد قتل ڪرڻ جو انڪشاف. نينگري جي ٽڙپڻ ۽ جسم تي تشدد واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل. رپورٽ موجب: خانواهڻ جي ڳوٺ علي محمد ڦرڙو واسي فاطمه ولد نديم ڦرڙو جو تشدد ۾ مبينا طور تي فوت ٿي ويل نينگريءَ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي خيرپور ازخود نوٽيس وٺي انڪوائري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته وائرل ٿيل وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته نياڻي جي جسم تي تشدد ۽ ڏنبن جا نشان چٽا ظاهر اچن پيا. ٻڌايو پيو وڃي ته معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو رانيپور ۾ پنهنجن مرشدن وٽ خدمت لاءِ ترسيل هئي. جنهن جو تشدد ٿيل لاش پنهنجي وارثن وٽ پهتو آهي. رابطو ڪرڻ تي رانيپور پوليس جو چوڻ آهي ته نينگري جي وارثن بيان ڏنو آهي ته اسان جي نينگريءَ پيٽ جي سور ۾ فوت ٿي وئي آهي. پر نينگري جي جسم تي سخت تشدد ٿيل آهي. جڏهن ته ويڊيو ۾ نينگري ڪمري اندر جيڪا تڙپي رهي آهي ۽ اها اتي ئي فوت ٿي وئي آهي. جنهن بعد گهر پهتل لاش جي وائرل ٿيل ويڊيو ۾ نينگريءَ مٿان تشدد جا چٽا نشان نظر اچي رهيا آهن. جنهن بعد وارثن پنهنجي مرشدن مٿان ڪڪ رکندي پنهنجي بيگناهه تشدد ۾ فوت ٿي ويل نينگريءَ کي بغير پوسٽ مارٽم جي دفنائي ڇڏيو آهي. جنهن مان به ڪيترائي خدشا ظاهر ٿي پيا آهن. پوليس پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته اسين انڪوائري ڪري رهيا آهيون ۽ وارثن جا بيان قلم بند ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته ڊاڪٽر موجب ته نينگريءَ کي ڪامڻ جو مرض هيو. سندس امڙ جي موقف موجب ته نينگريءَ کي تشدد ڪري قتل ڪيو ويو آهي. اسان مٿان زور هجڻ ڪري اسان بيان نه ڏئي رهيا هئاسين. منهنجي نياڻي جا قاتل گرفتار ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. ٻئي پاسي ڊي آءِ جي سکر 24 ڪلاڪن اندر نياڻي جا قاتل گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ان خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي. آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي

بقايا ❊❊❊ 31

جي قيام جا ٻه سال پورا ٿيڻ تي بيان جاري ڪيو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته جيستائين عورتن کي تحفظ نه ڏنو ويندو. طالبان سان لاڳاپا معمول تي نه ايندا آمريڪي پرڏيهي وزير چيو ته ٻن سالن ۾ لڳ ڀڳ 34 هزار افغان شهرين کي خاص مهاجر ويزا جاري ڪيا ويا آهن انٽوني بلنڪن پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته آگسٽ 2021 کان وٺي افغان عوام جي مدد لاءِ 1.9 بلين ڊالر عطيا ڪيا ويا آهن.

بقايا ❊❊❊ 32

لاڳو ڪري ڇڏي آهي. اهڙو اعلان وفاقي، صوبائي ۽ مقامي ادارن تي لاڳو هوندو اليڪشن ڪميشن موجب اهڙي اعلان بابت اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري نگران حڪومتن کي خط لکي ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان سڄي ملڪ ۾ سمورين پرتين ۽ بدلين تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي جنهن جو اطلاق وفاقي، صوبائي ۽ مقامي ادارن تي هوندو. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان اڳوڻن وزيرن، صلاحڪار ۽ مددگارن کان سرڪاري گاڏيون واپس وٺڻ جو به حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته اسيمبلي ميمبرن کان به سرڪاري گاڏيون واپس وٺڻ ۽ رهائشگاهون خالي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. جڏهن ته نگران وزيراعظم، وڏا وزير ۽ ڪابينه ميمبرن جي اثاثن جا تفصيل به طلب ڪيا ويا آهن اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته نگران حڪومتون قانون موجب روزاني جي بنياد تي معاملا هلائينديون جڏهن ته جاري عالمي ۽ ٻطرفن معاهدن تي عمل ڪرائي سگهنديون. اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري نگران حڪومتن کي پابندين بابت خط لکي ڇڏيو آهي. ياد رهي ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ ڊسمبر کان نگران حڪومتون قائم آهن. پي ٽي آءِ ٻنهي صوبن ۾ پنهنجون حڪومتون ختم ڪري ڇڏيون هيون. جڏهن ته وفاق ۽ سنڌ ۾ نگران حڪومتون قائم ٿي ويون آهن جڏهن ته بلوچستان ۾ نگران وڏي وزير جي نالي تي حڪومت ۽ اپوزيشن ۾ اتفاق نه ٿي سگهيو. ملڪ ۾ عام چونڊون نومبر تائين ٿيڻيون آهن جڏهن ته امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته چونڊن ۾ فيبروري يا مارچ تائين دير ٿي سگهي ٿي.

بقايا ❊❊❊ 33

تي ٻڌڻي سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ ٿي. سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري چيو ته عدالت متاثرين جي بحالي لاءِ 2 سالن جو وقت ڏنو هو. ماهوار رپورٽ به جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي هئي پر سنڌ حڪومت اڄان تائين ڪابه اڳيرائي رپورٽ پيش نه ڪئي آهي. درخواستگذار جي وڪيل طرفان مراد علي شاهه کي توهين عدالت تي جيل اماڻڻ واري مطالبي تي جسٽس محمد علي مظهر ريمارڪس ڏنا ته وڏي وزير جا هڪ به ڏينهن رهجي ويا آهن ڪيس جيل اماڻي جا ڪنداسين. اوهان عمل چاهيو ٿا اسان به اهڙن ماڻهن ڏانهن حڪم جاري ڪندا آهيون جن مان ڪجهه حاصل ٿي سگهي. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته مراد علي شاهه سپائي اچي چئي سگهي ٿو ته مان وڏو وزير نه رهيو آهيان. مون پنهنجي دور ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر عمل نه ڪرائي سگهيس. اسان سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمل چاهيون ٿا. هڪ ٻن ڏينهن دوران نگران حڪومت اچي ويندي انهن کان جواب طلب ڪنداسين جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي سپائي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.عدالت سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه کي توهين عدالت جا نوٽيس جاري ڪندي چيف سيڪريٽري سنڌ، ڪمشنر ڪراچي ۽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ کي سپائي طلب ڪري ورتو آهي. ٻڌڻي جي موقعي تي گجر نالي جي متاثرين سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري جي ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاجي مظاهري ۾ اورنگي ۽ گجر نالي جي متاثرين ۾ ٻار، عورتون ۽ بزرگ شامل هئا. متاثرين هٿن ۾ قومي جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي رهيا هئا. متاثرين گهرجي بدلي گهر ڏيو ٻئي صورت ۾ ڪرسي ڇڏي ڏيو جا نعرا لڳايا.

نوان جتوئي ۾ ايمبولينس کان ڦر واقعي جا جوابدار پوليس گرفتار ڪري ورتا

ڪجهه وقت اڳ رات جو پنجين وڳي مورو نوان جتوئي روڊ تي پنج ڦورن ڪار سوارن کان ڦر ڪئي هئي

ڦورن جي بيان مان صاف ظاهر آهي ته ان رات ڦر ايمبولينس کان نه پر ڪار کان ٿي هئي : پوليس

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪجھ ڏينهن اڳ نوان جتوئي - مورو روڊ تي ايمبولينس کان ڦر ٿيڻ واري واقعي جا جوابدار پوليس گرفتار ڪري ورتا ڊي ايس پي آفيس مورو ۾ پريس ڪانفرنس تفصيل موجب مورو نوان جتوئي روڊ تي ڪجھ ڏينهن اڳ ايمبولينس سوار مولا بخش شينو صبح جو پنهنجي ڳوٺ ڏانهن سندس فوت ٿيل امڙ جو لاش کڻي رهيو هو ته نامعلوم ڦورن سندس کان ڦر ڪئي هئي جنهن جا جوابدار ايس ايچ او درس محمد حنيف مهر گرفتار ڪري ورتا آهن ان سلسلي ۾ مورو ڊي ايس پي يار محمد رند جي آفيس ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊي ايس پي يار محمد رند ٻڌايو ويو ته ڪجهه وقت اڳ رات جو پنجين وڳي مورو نوان جتوئي روڊ تي پنج ڦورن ڪار سوارن کان ڦر ڪئي هئي جنهن بعد پويان ايندڙ ايمبولينس گاڏي کي پوليس مٿان پريشر وجهڻ جي لاءِ بيهاري احتجاج ڪيو ويو هن ٻڌايو ته پوليس انوسٽيگيشن ايمبولينس ڊرائيور ۽ ڦورن جي بيان مان صاف ظاهر آهي ته ان رات ڦر ايمبولينس کان نه پر ڪار کان ٿي هئي ڦر ڪندڙ جوابدارن مان ٻن ڄڻن ممتاز ڪوسو ۽ عزيز الله ڪوسو کي اسان گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته باقي ٽي جوابدار معشوق ڪوسو ۽ ٻه نامعلوم جوابدار به جلد گرفتار ڪيا ويندا ڊي ايس پي يار محمد رند وڌيڪ ٻڌايو ته ان رات ٿيل واقعي بعد شينا برادري جيڪو روڊ بند ڪيو هيو ان ۾ ڦر واردات جو مک جوابدار معشوق ڪوسو جو پي بشير ڪوسو پڻ احتجاج ۾ موجود هيو اسان کي اهو به معلوم ٿيو آهي ته شينا ۽ ڪوسا پاڻ ۾ رشتيدار پڻ آهن ڊي ايس پي پارا ايس ايڇ او درس محمد حنيف مهر ۽ سندس ٽيم کي بهترين ڪارڪردگي تي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ شاباشي پڻ ڏني هوڏانهن ايس ايڇ او درس محمد حنيف مهر ٻڌايو ته اسان ٿيل واقعي ڪيس داخل ڪرڻ جي لاءِ مسلسل مولا بخش شينو ۽ ٻين سان رابطو ڪيو مگر هو فريادي ٿيڻ جي لاءِ تيار نه هئا جنهن بعد اسان سرڪار جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي هن مولا بخش شينو پاران ايمبولينس جي ڦر واري ڪوڙي واويلا هلائڻ واري خبر جي جي ترديد ڪندي ان کي ڪوڙو قرار ڏنو آهي ان وڌيڪ چيو ته گرفتار جوابدارن ممتاز ڪوسو ۽ عزيز الله ڪوسو وٽان ڦر ڪيل 3 موبائل فون 5800 روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو آهي.

نوشهروفيروز: پوليس جي ڪارروائي دوران گرفتار جوابدار بيٺل آهن

بقايا سنڌيار 01

سماجي تنظيمن جي اڳواڻن واپارين ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي شهر جي مختلف چوڪن تان ٿيندي مين بس اسٽاپ تي پهتي جتي ڌرڻو هنيو ويو ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صدر غلام قادر پنهور، پريس ڪلب گهارو جي صدر دائم شاهه گهارو پريس ڪلب جي صدر مختيار لاشاري واپاري ايسوسيئيشن جي صدر پون داس ٽڪياڻي علماءِ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ مولانا محمد قاسم چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ حق سچ لکندڙ صحافين جو گهيرو تنگ ڪيو پيو وڃي صحافين کي ڌمڪايو هيسايو پيو وڃي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي حق ۽ سچ جي راهه تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي شهيد جان محمد مهر جو قتل آزاد صحافت هڪ گهرو وار آهي اڃان تائين شهيد جا قاتل گرفتار نه ٿيا آهن جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري سنڌ جي صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي احتجاجي مظاهري ۾ جنگشاهي پريس ڪلب جو صدر رحيم جوکيو، غلام الله پريس ڪلب جي صدر پيرل پياسي، سلطان ملاح، سڪندر چانڊيو، حميد عمراڻي، بشام جوکيو ۽ شهرين صحافين احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 02

ميڊيڪل اسٽور کان ڪڍي وئي ريلي مختلف روڊن ۽ رستن کان ٿيندي واپس گريڪس ۾ اختتام ٿي ريلي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ويلفيئر جي صدر بشير سنجراڻي، پي پي اڳواڻ چوڌري سعيد اقبال، معاذ خان، شيرعلي جسڪاڻي، وسيم عطر ڀهراڻي، راشد ڀهراڻي، عبدالحق جسڪاڻي، ذوالفقار جسڪاڻي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ملڪ جي آزادي جو ملهائڻ اسان سڀني جي جي فرض ۾ شامل آهي هنن چيو ته ملڪ جي آزادي ۾ اسانجي وڏڙن ۽ پاڪ فوج جي جوانن جون قربانيون آهن

بقايا سنڌيار 03

ڪوٺايو ويو سيمينار جي صدارت يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو ڪئي، جڏهن ته ضلعي ڪائونسل خيرپور جو وائيس چيئرمين سيد فهد علي شاهه جيلاني خاص مهمان هو پينلسٽ ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن سنڌ جو چيئرمين اقبال احمد ڏيٿو عبدالله دايو پروگرام ايڊوائيزر ايف اي ايس پاڪستان، سرائي نثار احمد خاصخيلي چيئرمين ٽائون ڪاميٽي فقير آباد . سيد جمن شاهه چيئرمين ٽائون ڪميٽي پريالوءِ ايڊوڪيٽ غزالا ڪاشف وائيس چيئرپرسن يونين ڪاميٽي جيئي شا سڪر شامل هئا. ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو صدارتي خطاب ڪندي چيو ته نوجوان سماج جي وڏي قوت آهن. مڪاني حڪومتن جي نظام ۾ نوجوانن جي شموليت وقت جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته مڪاني حڪومتن جو نظام پارليامينٽ جي بنيادي نرسري آهي جنهن سان جمهوري عمل ۽ پارليامينٽ مضبوط ٿيندي. هن نوجوانن کي صلاح ڏني ته اهي مڪاني ڪائونسلرن سان سهڪار ڪن ۽ پنهنجن علائقن ۾ مثبت ۽ صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺن ته جيئن عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ خدمت جي تصور کي فروغ ڏئي سگهجي. هن نوجوانن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي تعليمي سرگرمين سان گڏوگڏ پنهنجي خاندان جي بهتري، ڪردار سازي ۽ شخصيت سازي تي ڌيان ڏين. سيد فهد علي شاهه جيلاني چيو ته وقت جي ضرورت آهي ته نوجوانن کي صحيح سمت ڏيکاري وڃي ته جيئن هو پنهنجي ذهن ۾ علمي جستجو مقابلي، رواداري ۽ سماج لاءِ عوامي شموليت جو تصور بيدار ڪري سگهن. هن شاگردن کي نصيحت ڪئي ته هو تعميري سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺن چو ته شاگرد قوم جو مستقبل آهن ان ڪري ڪين سماج ۾ حصو وٺندڙ انداز تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته خيرپور ضلعي جي عوام جي خدمت ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي ۽ هر ممڪن شهري سهولتون فراهم ڪرڻ پڻ اسانجي اولين ذميواري آهي. هن وائيس چانسلر پاران شاگردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيو. مذاڪري دوران نوجوانن جي شموليت لاءِ مختلف تجويزون پيش ڪيون ويون. پينلسٽن نوجوانن جي معاشي، سياسي ۽ سماجي شموليت تي زور ڏنو هنن اها به صلاح ڏني ته نوجوان چونڊ عمل جي رجسٽريشن ۾ ڀرپور حصو وٺن. مڪاني ادارن واري نظام ۾ نوجوانن جي نمائندگي 5 سيڪڙو مان وڌائي 30 سيڪڙو ڪئي وڃي. انهن کي شهري تعليم ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. مڪاني نظام لاءِ يونيورسٽي سطح جو نصاب تيار ڪيو وڃي. جيڪو هن وقت چند شعبن تائين محدود آهي. حڪومت پاران تيار ڪيل نوجوانن جي پاليسي تي عمل ڪيو وڃي. صوبائي حڪومتن کان اختيار مڪاني حڪومتن کي منتقل ڪيا وڃن. سياسي پارٽيون نوجوانن کي مڪاني ۽ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڀرپور موقعا فراهم ڪن. عورتن ۽ خواجا سرائن کي چونڊ عمل ۾ جاءِ ڏني وڃي. نوجوانن کي سول ڊفينس، اين ڊي ايم اي، ۽ پي ڊي ايم اي ۾ شراڪت ڏني وڃي ته جيئن سندن اعتماد ۾ اضافو ٿئي ۽ خدمت جو جذبو پيدا ٿئي. مڪاني حڪومتن جي مد ۾ بجيٽ جي ورهاست لاءِ ضلعي فنانس ڪميشن جوڙي وڃي ۽ وقت سر ڪائونسلز کي فنڊ جاري ٿي سگهن . ڪائونسلرن جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ سنڌ رورل ڊولپمينٽ اڪيڊمي جي طرز تي رورل ڊولپمينٽ اڪيڊمي ۽ لوڪل گورنمينٽ اڪيڊمي هر ڊويزنل هيڊ ڪوارٽرز ۾ قائم ڪئي وڃي ته جيئن لوڪل گورنمنٽ سرشتي جي صلاحيتن کي اجاگر ڪري ۽ وڌائي سگهجي. سيمينار ۽ مذاڪري جي آخر ۾ ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ موضوع تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو بسوا جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر خادم حسين ميراڻي سيمينار جا مقصد پيش ڪيا. سيمينار ۾ استادن، شاگردن، سول سوسائٽي جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڊاڪٽر علي رضا لاشاري انچارج اسٽوڊنٽ سوسائٽيز سينٽر اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏنا.

بقايا سنڌيار 04

پهچي بااثر لطف لغاري تي مبينا ڏهه لک پتو گهرڻ جا الزام لڳائيندي ڏانهيندي چيو ته ديه ٽوڙي ون ۾ آهي زمين تي مبينا قبضي جي نيت سان برساتن ۾ نئين کان وهي ايندڙ پاڻي به زمين آباد ڪرڻ لاءِ نه ڇوڙڻ تنهن تي مون پنهنجو اله تلا وڪڻي پاڻي وارو بور لڳرائڻ لاءِ مشين ڪاهي زمين تي پهتس ته ڪاچي ۾ دهشت جي علامت بڻيل بااثر لطف لغاري پنهنجا هٿياربند ماڻهون محمد خان عرف مير لغاري ، الطاف لغاري ، خان لغاري ، ڪرڙو لغاري سميت پنج نامعلوم هٿياربند ڪلاشنڪوف کڻي زمين تي اچي ڏهه لک روپيا پنگ گهريا ۽ پوءِ بور هٽڻ جو چيو مون فون تي اهڙو اطلاع ٽرڙي جادو شهيد ٿاڻي وارن کي ڪيو پر پوليس اهلڪار هٿياربندن جو حمائتي ٿيندي زمين تي نه آيا ۽ هٿياربند سڄي رات اسان کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري ويهي رهيا هن وڌيڪ ڏانهيندي چيو ته بااثر قبضا خور لطف لغاري ڪجهه ٽائيم اڳ دادو ۾ سينئر صحافي عظيم لغاري کي پڻ سريعام وچ چوراهي تي گوليون هڻي قتل ڪيو هو هن وڌيڪ چيو بااثر قبضا خور زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي هاڻي هو بورنگ هٽائڻ ۽ زمين آباد ڪرڻ لاءِ پتو پيو گهري آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيان ٿو ته بااثر کان منهنجي زندگي کي خطرو آهي بااثرجي ناجائزين ۽ مبينا پتو جو نوٽيس وٺي مٿس ڪيس داخل ڪري زمين تي پاڻي وارو بور لڳرائي سائنس انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

کي ڪٽيو وڃي، شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي سميت درپيش ٻيا سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا ڇاڪاڻ ته شهرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي منشور ۾ شامل آهي، اهڙن خيالن جو اظهار هن ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز واٽر ڪارپوريشن ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف مسئلن جي حل لاءِ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، پارلياماني ليڊر ڪي ايم سي سيد نجمي عالم، پي پي پ اڳواڻ ڪرم الله وقاصي ٽائون چيئرمين سهراب گوٺ لالا عبدالرحيم سميت مختلف پي پي اڳواڻ سائس گڏ هئا، اعليٰ سطحي اجلاس ۾ سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين، سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان، چيف انجنيئر واٽر محمد حنيف بلوچ، چيف انجنيئر ڊبليو ٽي ايم ظفر پليجو چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري سميت سمورن ضلعن جي سپرنٽينڊنٽ انجنيئرن ۽ لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو انجنيئرن شرڪت ڪئي، ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب اجلاس ۾ سهراب گوٺ ٽائون سميت سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف مسئلن جي حل لاءِ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، اجلاس دوران ميئر ڪراچي کي مختلف ٽائون چيئرمينن ۽ ٻين پي پي پ اڳواڻن پاران درپيش مسئلن کان آگاهي ڏيندي چيو ته سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن، ميئر ڪراچي واٽر ڪارپوريشن جي عملدارن کي هدايتون ڏيندي چيو ته سهراب گوٺ ٽائون سميت شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا مسئلا هنگامي بنيادن تي حل ڪيا وڃن، هن واٽر ڪارپوريشن جي عملدارن کي چيو ته شهر ۾ قائم سمورن غير قانوني هائيڊرنٽس کي ڊاهيو ۽ ڪنيڪشن کي ڪٽيو وڃي ڇاڪاڻ پاڻي تي رڳو شهرين جو حق آهي جيڪو ڪنهن کي به چوري ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي هن وڌيڪ چيو ته شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي سميت درپيش ٻيا سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا ڇاڪاڻ ته شهرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي منشور ۾ شامل آهي.

بقايا سنڌيار 06

سان گڏ ڪير ڪير رهندا هئا انهن کي به جاچ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو عدالت جي اجازت کان بعد ۾ معصوم ٽينگري جو پوسٽ مارٽم ڪرائنداسين اگر ڏري برار به پير صاحبان ملوث نڪتا ته سائن ڪا به رعايت نه ڪنداسين هر صورت ۾ ٽينگري جو ڪيس داخل ڪنداسين ۽ جنهن ڊاڪٽر لاءِ چيو وڃي ٿو ته ٽينگريءَ جو اعلاج ڪندو هيو ان کان به بيان ورتو ويو آهي پوليس هر طرح سان شفاف جاچ ڪندي ۽ معصوم ٽينگري فاطمه ڦرڙو سان انصاف ضرور ٿيندو اگر ٽينگري جا والدين ڪيس داخل ڪرائڻ نٿا چاهين ته سرڪاري مدعيت ۾ به ڪيس داخل ٿي سگهي ٿو جيڪي اختيارات پوليس وٽ آهن

بقايا سنڌيار 07

في ليٽر اضافو ڪري مهانگائي جي نئين طوفان کي دعوت ڏني آهي. سال جا 12 مهينا ٿي پيٽرول، گئس، بجلي جي اگهن ۾ اضافو ڪري مني بجيٽ پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن سان کاڌي خوراڪ جي شين جي اگهن ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، وڌندڙ مهانگائي غريب عوام جي چلهه وسامي ڇڏي آهي، عوام ماني ڳيي جي لاءِ پريشان آهن. نگران حڪومت ماضيجي حڪومتن جي تسلسل جو خاتمو ڪري پيٽرول اگهن ۾ ڪيل اضافو واپس وٺي صنعت ۽ تجارت ڪاروبار جي فروغ، غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي خاتمي جي لاءِ قدم کڻي. اهڙن خيالن جو اظهار هن تاجر سيڪريٽريٽ ۾ سکر اسمال ٽريڊرز جي منعقد ڪيل هنگامي اجلاس کي خطاب جي دوران ڪيو اجلاس ۾ حاجي غلام شبير پٺو حاجي عبدالستار راجپوت، عبدالقادر شيواڻي، رئيس قريشي، شڪيل قريشي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، بابوفاروقي، محمد منير ميمڻ، محمد ڪاشف شمسي، عبدالباري انصاري، مختيار شامي، طارق علي ميراڻي، سليم مالا، محبوب صديقي، جاويد ميمڻ، سيد محمد شاهه، شعيب ميمڻ، اياز علي ابڙو، ذاڪر خان، احسان هنڌاڻي، اعظم خان، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهنڊير، محمد سجاد عامر، فخرالدين عباسي، صداقت خان ۽ ٻين شرڪت ڪئي. حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين واپارين جو چوڻ هو ته حڪمرانن پنهنجي عياشين جي خاطر ملڪ کي آءِ ايم ايف جي دلدل ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي، نگران حڪومت کي گهرجي ته هو قرضن جو تمام تر بوجهه عوام تي مهانگائي جي صورت ۾ آڻڻ جي بجاءِ ڪابينه ۽ آفيسرن جي شاهانه خرچن جو خاتمو ڪن، بدقسمتي سان گڏي مرعاتون حاصل ڪندڙن کي مفت بجلي، پيٽرول ته فراهم ڪيو ويندو آهي پر روز ڪمائي کائڻ وارن جي مشڪلاتن جو ڏري برابر به احساس ناهي، غريب ماڻهو هڪ وقت جي ماني حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشان آهن جڏهن ته روز جي بجلي، گئس ، پيٽرول جي اگهن ۾ اضافي سان تجارتي سرگرميون به ٺپ ٿي ويون آهن، اهڙين حالتن ۾ نگران حڪومت پاران پيٽرول جي اگهن ۾ اضافو ڪري عوام ۽ واپارين جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي، هن نگران وزير اعظم کان مطالبو ڪيو ته هو ماضي جي حڪومت جي تسلسل جو خاتمو ڪري غريب عوام ۽ واپاري دوست قدم کڻي، پيٽرول اگهن ۾ ڪيل اضافو فوري طور تي واپس وٺي ملڪ مان مهانگائي، بيروزگاري، غربت جي خاتمي ۽ صنعت ۽ تجارت ڪاروبار جي فروغ ڏيڻ جي لاءِ قدم کنيا وڃن ته جيئن عوام جي ڏکيائين ۾ گهٽتائي ٿي سگهي. نه ته ٻئي صورت ۾ عوام ۽ واپاري برادري ڀرپور احتجاج ڪندي.

بقايا سنڌيار 08

ٽنڊو محمد خان عبدالحليم لغاري ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيد امجد شاهه چيو ته ٽنڊومحمدخان ۾ تعليم جي بهتري لاءِ اسان جي ڀرعزم ڪوششون جاري آهن بند پيل اسڪول کوليا ويا آهن تعلقي جي سڀني اسڪولن ۾ فرنيچر فراهم ڪيو ويو آهي ، نئين اسٽاف جي مقرري سان استادن جي ڪوٽ پڻ ختم ٿي وئي آهي اسان کي علائقي جي تعليم ۾ بهتري سان گڏ و گڏ تعليم جي شرح ۾ واڌ جي لاءِ پنهنجي ڪاوشن جو تسلسل جاري رکڻو آهي هن چيو ته پڙهنديءَ سنڌ وڌنديءَ سنڌ جي سري هيٺ ڪامياب داخلا مهم جا مثبت نتيجا ملي رهيا آهن صرف هڪ اسڪول گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد ۾ 201 شاگردن شاگردياڻين جي داخلا ڪرائي وئي آهي جنهن سان اندازو ٿئي ٿو ته تعلقي ۾ شرح خواندگي ۾ ڪيترو اضافو ٿيو آهي حڪومت سنڌ پاران اسڪولن ۾ درسي ڪتاب فراهم ڪيا ويا آهن اسڪولن ۾ ڪتابن جي ڪوٽ جي شڪايتون مليون آهن جنهن جي ازالي لاءِ ڪوششون جاري آهن جلد اسڪولن ۾ سائينسي ميلا، ڊرائينگ جا مقابلا، تقريري مقابلا پڻ ڪرايا ويندا جنهن سان شاگردن شاگردياڻين جي صلاحيتن ۾ واڌارو ايندو ان موقعي تي استاد اڳواڻ عارف قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 09

موجب نٽهون ڪوٽ صحت مرڪز پرسان تيز رفتار ڊمپر جو موٽر سائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ لو ڪچي ۽ آنند ڪچي شديد زخمي ٿي پيا جنهن کي علائقي واسين صحت مرڪز نٽهون ڪوٽ آندو جتان لو ڪچي جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ ڪري ڪيس حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پئي نيئنگر کي صحت مرڪز نٽهون ڪوٽ ۾ طبعي امداد ڏني وئي اطلاع تي نٽهون ڪوٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڊمپر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ڊمپر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 10

پٽيون ٻڌي نصيرآباد سچل پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي صحافي جي ناحق قتل خلاف سخت نعري بازي ڪئي . ان موقعي تي نصيرآباد سچل پريس ڪلب جي صدر سڪندر ڪوسو جنرل سيڪريٽري اعجازعلي شيخ، رياض منگي، هريش ڪمار، نظير احمد مسڻ امام علي گاڏهي ،پريس ڪلب جي باني گلشن منگي ۽ ٻين چيو ته سکر جي وچ شهر ۾ پوليس انتظاميا جي سامهون سنڌ جي ناميارې بهادر صحافي جو قتل سوچيل سمجهيل سازش آهي. ان ۾ لڪيل سگهارا هٿ ملوث ٿي سگهن ٿا. هنن چيو ته شهيد صحافي جان محمد مهر جي خون سان انصاف ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. ٻئي صورت ۾ سڄي سنڌ اندر قلم ڌڻين پاران قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 11

حاجاڻي جي عيوضي ۾ نواب شاهه پوليس پاران ڪنيي گم ڪيل 8 مهينن جي گورهاري عورت حسنا حاجاڻي جي بازيابي لاءِ معصوم ٻارڙن جي وات تي تالا هڻي محمد صالح حاجاڻو غلام رسول حاجاڻو ايس يو پي جي بابل لطيف ڪوسو يوسف عمراڻي جسقم جي گلشير ڪوسو اڪرم ڪوسو ايس ٽي پي جي شوال ڏيٿو گلزار ملاح جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪندي سي آءِ اي پوليس نواب شاهه ۽ مانجهند پوليس خلاف چٽي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جديد دور ۾ به نواب شاهه سي آءِ اي پوليس عيوضي ۾ گورهاري عورت کي ڪنيي انساني حقن جي لتاڙ ڪئي آهي ملڪ جي قانون ۾ ڪهڙي به لڪيل ناهي ته مڙس تي چوري جي الزام ۾ سندس گهرواري کي ڪنيو وڃي ڪيترن ڏينهن کان احتجاج باوجود ڪو به تحرڪ نٿو ورتو وڃي هنن مطالبو ڪيو ويو ت بي گناهه ڪنيي گم ڪيل 4 ٻارن جي ماءُ ۽ گورهاري عورت کي بازياب ڪرايو وڃي هوڏانهن سيشن ڪورٽ جامشورو ڪنيل عورت جي پاءُ غلام رسول جي پٽيشن تي ايس ايس پي نواب شاهه ايس ايس پي جامشورو ايس ايچ او سي آءِ اي پوليس نواب شاهه ايس ايچ او مانجهند صحت ڪاتي نواب شاهه جي ڪاموري بهادر کهڙو کي 19 آگسٽ تي طلب ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

بقايا سنڌيار 12

آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن يوم آزادي جي تقريب ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو قوم وڌيڪ مهانگائي برداشت نٿي ڪري سگهي، مرڪزي ۽ صوبائي نگران حڪومتون امن امان جي بگڙيل صورتحال ۽ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪن ته جيئن عوام آساني سان زندگي گذاري سگهي. گذريل حڪومت سان معيشت بهتر نه ٿي، اسيمبليون به عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪو به قانون نه ناهيو قومي خزاني کي هيوي ويٽ ڪابينا تي پاڻي وانگر اڇلايو ويو پروٽوڪول، رعايتون، مجموعي طور گذريل پنج سال قوم جي تاريخ جو تلخ ترين تجربو هو بهتري جو واحد رستو اسلامي نظام آهي. ملڪ ۾ غربت، مهانگائي، بيروزگاري سبب ماڻهو خودڪشيون ڪري رهيا آهن. بجلي ۽ گيس جي قيمتن ۾ لڳاتار واڌ ڪانپوءِ هاڻي مهانگائي جو نئون طوفان اچي رهيو آهي. پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ، حڪومت فوري طور تي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ واپس وٺي ۽ بجلي جا اگهه گهٽ ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ عوام روڊن تي نڪرندو احتجاج، حڪومتن جو جائزو وٺڻ لاءِ 3 عالمي اشارا آهن. پهريون امن آهي، ٻيو آهي معيشت ۽ ٽيون آهي قانون جي بالادستي، جيڪڏهن ان حساب سان ڏسجي ته پي ڊي ايم جي حڪومت سڀ کان وڌيڪ ناڪام ثابت ٿي آهي، مسلم ليگ ۽ پيپلز پارٽي جي حڪومت ختم ٿي چڪي آهي، اهي دعوي ڪن ٿا ته اسان ڪامياب ٿي چڪا آهيون. پر عوام ناڪام ٿي ويو آهي ۽ خوراڪ جي محتاج آهي، عوام روئي رهيو آهي. حڪمرانن جا ڪيس ختم ٿيا پر نوجوانن کي روزگار نه مليو عوام کي انصاف نه مليو انهن آئين جي بالادستي بدران پنهنجي بالادستي قائم ڪئي. هن غربت ختم ڪرڻ بدران پنهنجي دولت ۾ اضافو ڪيو

بقايا سنڌيار 13

صحافي جي قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي سندس خاندان سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو ويو. جڏهن ته قرداد موجب پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو ته قتل جي مڪمل جاچ ڪرائي قاتلن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 14

صحافين ۽ ساجاهه وندن پاران ماتلي باءِ پاس المدينه چوڪ تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي صحافي اڳواڻن علي بهادر ڪيريو، سيد الطاف شاهه جيلاني، مدد چانڊيو ارباب عمر، نظام چانڊيو، غلام رسول گل، حاجي خان پنهور، عنايت لاشاري، طارق لاشاري، ۽ ايس ٽي پي اڳواڻ عظيم شاهه، ڪمن لاکو ۽ ٻين چيو ته سکر جي شهر ۾ ڌوهاري دهشتگرد کلي عام هٿيار کڻي گهمن ٿا جن جو ڪنهن کي ڪا چيڪنگ نٿي ڪئي وڃي ان جو تازو مثال شهيد جان محمد جو قتل آهي جڏهن ته کلي عام مشهور صحافي کي فائرنگ ڪري قتل ڪرڻ بعد دهشتگرد وڏي آساني سان فرار ٿي ويا پوليس ڪک پڇي ٻيٺو نه ڪيو واقعي کي 3 ڏينهن ٿي ويا آهن پر پوليس مک قاتلن توڙي قتل جي سازش ڪندڙن کي بي نقاب ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ ناهي آندو ايڏي لاقانونيت انڌيرنگري جو ڪير تدارڪ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن اپيل ڪندي چيو ته شهيد جان محمد مهرجي قتل جي عدالتي نگراني ۾ جاچ ڪرائي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 15

گيسٽ هائوس ۾ ضلعي صلاحڪار پينل جي گڏجاڻي ڪوٺائي. ناري فائونڊيشن جي چيئرپرسن افشان اصغر ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر انور علي مهر پروگرام آفيسر فوزيا ۽ ٽريننگ ڪنسلٽنٽ شازيا عباسي چيو ته ٻهراڙي ۽ ايگريڪلچر ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي آگاهه ڪرڻ ۽ انهن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ هن پراجيڪٽ جو مقصد آهي. سنڌ اسيمبلي زرعي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي تحفظ ۽ حقن لاءِ 2019 ۾ قانون نه پاس ڪيو آهي پر ان تي عمل نه ٿي سگهيو آهي. ڳوٺاڻين عورتن کي پنهنجن بنيادي حقن بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ گڏجاڻيون ٿي رهيون آهن ۽ ضلعي صلاحڪار پينل به جوڙيا ويا آهن، جيڪي انهن مان ڪجهه عورتن کي پنهنجي بنيادي حقن بابت ڄاڻ ڏئي رهيا آهن. عورتن ۾ جاڳرتا آڻڻ لاءِ ڪوششون ٿيڻ گهرجن. گڏجي ڪم ڪرڻ سان ئي زرعي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي پنهنجا حق ملي سگهندا. ڳوٺ سينگار فائونڊيشن جي چيئرمين ولي محمد بوزدار، وڪيل الاهي بخش ميتلو ۽ اقرا، عورت ڪائونسلر غزالا انجم، ثمرين نجيب لاکو ڊبليو ڊبليو ايف جي توفيق، سلمان عثمان، ليگل ايڊ سو سا ٽٽي جي ذوالفقار ميراڻي ۽ آفرين ڪنول چيو ته ڦٽين جي چونڊائي ۽ اناجن جي لاباري مهل اڪثر وڏا زميندار مزدوري ڪرڻ لاءِ پري پري کان پورهيت گهرائيندا آهن انهن ۾ اڪثريت عورتن جي هوندي آهي اهي عورتون مزدوري ڪنديون آهن پر انهن کي مناسب اجورو نه ڏنو ويندو آهي. جيستائين سرڪار پاس ڪيل قانون تي عملدرآمد نه ڪرائيندي تيستائين غريب عورتن کي پنهنجو حق نه ملي سگهندو. گڏجاڻي ۾ ناري فائونڊيشن جي ميمبرن، سماجي اڳواڻن،وڪيلن ،ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ،ليبر ڊپارٽمينٽ، سماجي اڳواڻ حاڪم گل، بابو سچل ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 16

نتيجي ۾ هڪ عورت نسيم اختر هڪ نوجوان فائز ۽ هڪ شهري غلام محمد چارڻ گولي لڳڻ ڪري سخت زخمي زخمي ٿيل عورت ٺٽي جي نوجوان صحافي صدام سبزپوش جي والده نوجوان فائز سندس ڀاڻيجو آهي زخمي عورت کي ڪراچي ريفر ڪري روانو ڪيو ويو شهرين پاران پڪڙيل ڦورو کي ڪٽڪو ڏيئي ٺٽو پوليس حوالي ڪيو ويو پڪڙيل ڦورو جي سڃاڻپ غلام مصطفيٰ گاهيو طور ڪئي وئي زخمي ڦورو کي به اسپتال منتقل ڪيو ويو ياد رهي ته گذريل هفتي ٺٽي شهر مان هڪ درگاهه شاهه مراد شيرازي جو رهاشتي نوجوان سبحان علي شاهه ٺٽي شهر مان اوچتو گم ٿي ويو جنهن جي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود نوجوان جو اڃا تائين ڪوڏس پتو ناهي جڏهن ته نوجوان کي گم ٿيندي 10 ڏينهن کان مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي سندس وارث پريشان آهن جڏهن ته سندس امڙ جا روئي روئي برا حال ٿي چڪا آهن پر پوليس پاران اڃا تائين نوجوان جي ڳولا ۾ ڪا به پيش رفت نه ٿي سگهي آهي

بقايا سنڌيار 17

خطاب ڪندي مولانا محمد صالح الحداد چيو ته ضلعي سجاول مان امن جو ڪي اڏامي ويو آهي ڏينهن رات ڦرجو آزار آهي انتظاميه مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي نه ڪنهن جي جان محفوظ آهي نه ڪنهن جومال محفوظ آهي اسان مطالبو ٿا ڪريون ته سجاول ضلعي ۾ ايماندار آفيسرمقرر ڪيو وڃي ته سجاول جي عوام سک جوساهه کڻي هن وڌيڪ چيو ته سجاول ضلعو پيوچڙو ۾ هجڻ ڪري پاڻ ته سوڪ پاڻ ته ٻوڏ جوشڪار رهي ٿو هن وقت به آبپاشي کاتي جي نااهلي جي ڪري جاتي ۽ شاهبندر ۾ پاڻي جي سخت کوٽ آهي ۽ مقامي آبادگار سراپا احتجاج آهن هڪ ته پاڻ جي هڙادي ڪوٽ جي ڪري پاڻ بليڪ ٿي ويڪروڪيو پيو جي اهيا حڪومت جي نااهلي آهي. اجلاس ۾ مفتي نظيراحمدعمراڻي حافظ فضل الله فياض مولانامحمدانورسومرو مولاناطفيل احمدڪتي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 18

سمون، سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر امداد بوزدار، سکر پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباني، ڪورٽ رپورٽرز ايسوسيئيشن سکر جي صدر سليم سهتو حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر اقبال ملاح پڻ شرڪت ڪئي. فوٽوجرنلسٽ سکر جي صدر قذافي شاهه ۽ ٻين صحافين پڻ دعا ۾ شرڪت ڪئي، دعا ڪانپوءِ صحافين شهيد جان محمد مهرجي مزار تي حاضري ڀري فاتحه خواني ڪئي.

بقايا سنڌيار 19

ٽي ايس ايڇ او پڊعيدن علي اڪبر ڪوڪر صحافين کي ٻڌايو ته موٽر سائيڪل ڦر ۾ ملوث جوابدار امداد مري کي گرفتار ڪري سندس وٽان صحافي مير محمد لاشاري کان ڦريل سي ڊي موٽر سائيڪل ماڊل 2021 موبائل فون ۽ دريا خان مري ٿاڻي جي حد مان نثار سولنگي کان ڦريل موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي جيڪي مالڪن حوالي ڪيون ويون آهن ايس ايڇ او وڌيڪ ٻڌايو ته موٽر سائيڪل ڦر ۾ ملوث جوابدار امداد مري خلاف موٽر سائيڪل ڦر جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڦر توڙي چوري ۾ ملوث ٻين جوابدارن کي پڻ گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري قانون موجب سزا ڏياري ويندي صحافي مير محمد لاشاري پاران ايس ايڇ او پڊعيدن علي اڪبر ڪوڪر اي ايس آءِ مغل سيال کي هار پارايا ويا ۽ پوليس عملي کي مٺائي کارائي وئي

بقايا سنڌيار 20

سنڌ صحافي اتحاد جي اڳواڻ يونس راڄپر چيو ته ملڪ ۾ لاقانونيت عروج تي آهي پوليس پوٽارن ۽ سردارن جي ڪمدار لڳي پئي آهي صحافي قتل ٿئي ٿو ته ان جا قاتل به پوٽارن جي فرمائش تي گرفتار ٿين ٿا صدر نيشنل پريس ڪلب ايم ظفر تگر چيو ته جيڪو صحافي حق سچ لکي ٿو ته ان کي ماريو وڃي ٿو اهو ڪٿان جو انصاف آهي، ملڪ جو انصاف به وڏيرن ۽ سردارن جي رحم ڪرم تي آهي سٽو سنٽو ايس ايس پي جان محمد مهر جو سهولتڪار آ ان کي هن مهل تائين ن هٽايو ويو آهي فورن ايس ايس پي هٽائي شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪري صحافين مان بي چيني دور ڪئي وڃي ان موقعي تي ضمير حسين لنڊ اعجاز تگر فقيرعلي نواز سولنگي شاهد خانزاده ،خادم حسين مري افضل منگي راجا رئيس سولنگي شيرمشوري زاهد لنڊ پرويز علي سولنگي ۽ ٻين مطالبو ڪيو ته شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا ته نيشنلهاءِ وي بند ڪنداسين ڪجهه ب ٿيو ان جي ذميوار انتظاميا هوندي.

بقايا سنڌيار 21

صدر لال جروار هيو جڏهن ته صدارت سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو جن ڪئي، تقريب ۾ نيشنل پريس ڪلب لٽو جي صدر محبوب بروهي ،ينگ سوشل نيٽورڪ ميرپور ساڪرو جي باني عبدالرزاق ڪلمتي،عوامي شاعر محبوب درس ، عوامي تحريڪ ضلع ٺٽي جي صدر ملوخان لاشاري ،جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي جي صدر امجد شورو گهوڙاٻاريءَ جي سياسي سماجي شخصيت محمد علي خواجه مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ڪئي.

بقايا سنڌيار 22

ايس ايس پي خيرپور روهيل خان کوسو ايس ايس پي سکرسنگهار ملڪ ميمبر ايس ڊي پي او گمبٽ نعمان ظفر ۽ ايس پي سي ٽي ڊي سکر عبدالقدوس ڪلوڙ ميمبر آهن. ڪميٽي شهيد جان محمد مهرجي قتل جي حقيقتن کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ جاچ ڪندي، موجود وسيلا استعمال ڪري صاف ۽ شفاف جاچ ڪرڻ جي هدايت ڪندي ڪميٽي ٽيڪنيڪل، ڊجيٽل ۽ فرانزڪ ثبوت گڏ ڪري جاچ کي انجام تائين پهچائيندي.

بقايا سنڌيار 23

۾ چيو ويو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس گذريل رات ڇاپو هڻي ٻن جوابدارن بخش علي عرف بخشو مهر ولد گلو ۽ ٻابر مهرولد بخش علي مهر کي گرفتار ڪري ورتو آهي، جوابدارن کي قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪري جسماني ريمانڊ جي درخواست ڪري جاچ ڪئي ويندي، پوليس جو چوڻ آهي ته سينيئر صحافي جان محمد مهر جي شهادت هڪ ناقابل تلافي نقصان آهي ۽ ان ۾ ملوث سمورن جوابدارن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، بعد ۾ معزز عدالت مان جوابدارن کي سزا ضرور ڏياري ويندي.

بقايا سنڌيار 24

آرمي جي ماهر ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين ٻن هزارن کان مٿي مريضن جو مفت ۾ چيڪ ڪيو ويو ۽ انهن کي دوائون ۽ مفت ۾ ٽيسٽون ڪيون ويون مفت پاڪ آرمي جي ميڊيڪل ڪيمپ جو ڊي ايچ او حيدرآباد لالا جعفر پي پي ايچ آئي جي ڊسٽرڪٽ مينجر سائراه ابڙو پ اڳواڻ مير محسن ٽالپر جائزو ورتو جڏهن ته پاڪ آرمي جا اعلي آفيسر پڻ موجود هئا ان موقعي ڊي ايچ او لالا جعفر ۽ پي پي ايچ آئي جي ڊسٽرڪٽ مينجر ميڊم سائرا ابڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو اسان جس اپيش ڪيو پاڪ آرمي جا جن ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ميڊيڪل ڪيمپون لڳائي غريب مسڪين ماڻهن جي مدد ڪري رهيا آهن هنن چيو ته پاڪ فوج صدائين وڪ وڪ تي ملڪ جي سرحدن ۽ شهرن ۾ عوام جي خدمت ڪئي آهي اسان جو پاڪ آرامي سان مڪمل سهڪار آهي هنن چيو ته ٻهراڙي ۾ شهرن جي ڀيٽ تمام گهٽ صحت جون سهولتون آهن اسان جي ڪوشش آهي ته ٻهراڙي جي قائم صحت مرڪزن ۾ دوائون ۽ ٻيون بنيادي سهولتون مهيا ڪيون هنن چيو ته غريب مسڪين ماڻهو غربت سبب پنهنج علاج نٿا ڪرائي سگهن اسان چاهيون ٿا ته انهن غريب مسڪين ماڻهن کي علاج جو سهولتون مهيا ڪيو انهن چيو ته جلد بنيادي صحت مرڪز ميرالهه بخش ٽالپر کي اپ گريڊ ڪري ان کي 24 ڪلاڪ هلائڻ جو درجو ڏنو جنهن سان هتي جي ڀرپاسي جي ڳوٺن جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي علاج جون مليون ويندون هوڏانهن پاڪ آرمي جي ميجر زاهد جو چوڻ آهي ته اسان جي ڪوشش آهي ته هر مهيني هڪ فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳايون جنهن سان غريب ماڻهن کي علاج جو فائدو رسي

بقايا سنڌيار 25

جو بي باڪ،دلير ۽ اڙدو صحافي هو جيڪو وڏيرن، جاگيردارن،پوٽارن لاءِ اک جو ڪنڊو هو هن سنڌ جي هر ٻرندڙ اشو کي بردباري سان ميڊيا ۾ رپورٽ ڪيو جيڪا ڳالهه پوٽارن کي هضم نه ٿي ۽ ڪرائي جي قاتلن ذريعي سنڌ جي هن دلير پٽ کي شهيد ڪري هميشه لاءِ مظلومن جي آواز کي دٻائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي، واقعي خلاف سموري سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي جتي هر روز احتجاج ڪيا پيا وڃن اچو ته پاڻ سڀ صحافي، شاعر، اديب، ليکڪ، وڪيل، واپاري، شهري، استاد، شاگرد مطلب ته هر مڪتفڪر سان تعلق رکندڙ سمورا باشعور نوجوان ننڍا وڏا سڀ گڏجي هر روز 12 وڳي پريس ڪلب جي اڳيان گڏ ٿي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايون اهو احتجاج ايستائين جاري رکيو وڃي جيستائين شهيد جي قتل ۾ ملوث مک ڪردارن ۽ سهولتڪارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نٿو آندو وڃي.

بقايا سنڌيار 26

جي هلندڙ ڪم کي روڪيندي نڪتل ديوار ڪيرائي ڇڏي، بااثرن پاران مزدورن کي ڌمڪيون ۽ داٻا ڏئي هلندڙ ڪم اڌ ۾ بند ڪرائي ڇڏيو، موقعي سرڪاري ڪم ڪندڙ مزدورن صحافين کي ٻڌايو ته بااثر ماڻهو اسان کي ڌمڪيون ڏئي ڪم بند ڪرائي ويا آهن،هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي پبلڪ هيلٿ کاتي جي لاڳاپيل انتظاميه صحافين کي ٻڌايو ته اسان کي خبر ئي آهي بلڪل نه ڪجهه بااثر مزدورن کي ڌمڪيون ڏئي ڪم اڌ ۾ بند ڪرايو آهي، هنن چيو ته سرڪاري ڪم ۾ رڪاوٽ وجهندڙ بااثرن خلاف جلد ڪين قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 27

ڌوهارين سان مبينا مقابلي بعد ڳڙهي تيغو جي ڪچي مان بازياب ڪرائي ورتو پوليس جي دعوي ،بگٽي برادري جا نوجوان علائقي جي سردارن جي مداخلت بعد ڌوهارين مغوين کي آزاد ڪيو علائقي ۾ چوٻول ،گذريل ٽن ڏينهن کان مسلسل بگٽي برادري جي سردارن ۽ بگٽي قوم پاران پنهنجن جي بازيابي لاءِ سراپا احتجاج بڻيل هئا، مغوين کي ايس ايس پي شڪارپور آفيس مان وارثن حوالي ڪيو ويو. بگٽي برادري نوجوان ملڻ شرط ڌرڻا ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ،پوليس آپريشن ۽ مقابلي جي دعوي ڪرڻ باوجود ڪو به ڌوهاري گرفتار نه ڪري سگهي، تفصيل موجب خانپور ويجهو چار ڏينهن اڳ هٿياربندن انڊس هاءِ وي لنڊي شاخ پرسان مزدا مٿان انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني هئي جنهن جي نتيجي ۾ بگٽي برادري جا ٻه نوجوان علي خان بگٽي ۽ غلام بهار مارجي ويا هئا ۽ هڪ عبدالواحد کي زخمي ڪري ٻن ڄڻن محمد حسين ۽ احمد حسين کي اغوا ڪري ويا هئا، جن کي شڪارپور پوليس جي اسپيشل ٽيم ايس ايس پي شڪارپور امجد شيخ جي هدايتن تي اياز ڪيرڙو جي اڳواڻي ۾ خانپور جي ڪچي واري علائقي ڳڙهي تيغو مان ڌوهارين سان مبينا مقابلي بعد ڌوهارين هٿان بنا ڪنهن نقصان جي احمد حسين ۽ محمد حسين بگٽي کي بازياب ڪرائي ايس ايس پي شڪارپور امجد شيخ جي آفيس وٺي آيا جتي بگٽي برادري جي سردارن ۽ وڏي تعداد ۾ سندن جي برادري پهچي وئي جن جي موجودگي ۾ مغوي احمد حسين ۽ محمد حسين بگٽي سندن جي حوالي ڪيا ويا ان موقعي تي بگٽي برادري سنڌ پوليس جي حق ۾ نعرا پڻ هنيا جڏهن ته بگٽي برادري جي ٻن نوجوانن جي بازيابي لاءِ اهي به چوٻول آهن ته علائقي جي اثر رسوخ رکندڙ سردارن جي مداخلت تي ڌوهارين پاران بگٽي برادري جي مغوين کي آزاد ڪيو ويو آهي بگٽي برادري پاران واقعي بعد ٽن ڏينهن کان مختلف هنڌن تي روڊ بلاڪ ڪان قاتلن جي گرفتاري ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ سراپا احتجاج بڻيل هئي جن ٽن ڏينهن مسلسل انڊس هاءِ وي لنڊي شاخ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا هئا ۽ هڪ گذريل 24 ڪلاڪن کان نيشنل هاءِ وي لکي غلام شاهه موڙ وٽ به روڊ بلاڪ ڪري قاتلن جي گرفتاري ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ ڌرڻو لڳايو هو جنهن سبب ملڪ جي مختلف شهر ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي جنهن سبب مسافر سخت ڏکيائين ۽ پريشانين کي منهن ڏين لڳا جنهن سبب پوليس پريشر ۾ اچي ڳڙهي تيغو جي ڪچي مان مغوين کي ڌوهارين سان مبينا مقابلي بعد بازياب ڪرائڻ جي دعوي ڪئي بگٽي برادري انڊس هاءِ وي ۽ نيشنل هاءِ وي سميت ٻين هنڌن تان ڌرڻا ختم ڪري ڇڏيا

بقايا سنڌيار 28

ٻبر سومر ٻبر جو معصوم ٻارڙن .عورتن .مردن سميت ٽٽڻ اس ۾ پنهنجي چاچي، ايس ايچ او جهانگار ۽ بااثرن خلاف زوري 32 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرڻ ۽ جان سان مارڻ جي ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو علي شير ٻبر الزام لڳائيندي منهنجو سڳوچاچو محمد صالح ٻبر . گلڻ ٻبر .بلاول امام بخش ٻبر. آصف ٻبر ۽ ٻيا ديه نار پير ۾ 32 ايڪڙ زرعي آهي جنهن تي منهنجو چاچو زبردستي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو گذريل 6 مهينن کان وٺي منهنجا 3 ديره ڪٽڪ . گوار ۽ سرنهن جا پيل آهن جيڪا اڌ کان وڌيڪ خراب ٿي ويا آهن .منهنجو چاچو هٿياربند ويهاري مونکي مارڻ ٿو چاهي . مان آءِ جي سنڌ .ڊي آءِ جي حيدرآباد .ايس ايس جامشورو کان مطالبو ٿو ڪيان ته مونکي اجازت وٺي ڏيو ته مان ٽريشر لڳائي ديرا کڻايان. قرضين مونکي تنگ ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 29

اسپتالن ۽ ان ۾ ملندڙ ماڻهن کي سهولتن توڙي ٻين معاملن بابت آگاهي ڏني جڏهن ته انڊس ڪئمپس هيڊ ڊاڪٽر اخلاق احمد اسپتال اندر موجود سهولتن ۽ مختلف معاملن تي ڪين ڄاڻ ڏيندي چيو ته اسپتال ۾ هر ايندڙ مريض کي هر طرح سان مڪمل علاج جي سهولت فراهم ڪئي وڃي ٿي پر اسپتال اندر بهتر علاج ٿيڻ سبب ضلع بدين ۽ آس پاس جي ضلعن جا ماڻهو به وڏي انگ ۾ علاج لاءِ اچن جنهن ڪري اسپتال تي لوڊ گهڻو آهي ان دوران ڪجهه مسئلا جن ٿين ٿا جن جي مستقل حل لاءِ هر ڪوشش ۾ آهن ته ماڻهن جو وڏ کان وڏ هتي علاج ڪري فائدو ڏجي انڊس هيڊ ڊاڪٽر اخلاص سينيٽر کي ٻڌايو ته بدين شهر ۽ آس پاس ۾ پرائيوٽ اسپتالن اندر حامله عورتن جي علاج دوران سندن زبردستي آپريشن ۽ سي سيڪشن وغيره ڪيا وڃن ٿا جنهن ۾ اڪثر بيشتر پرائيويٽ اسپتالن وارا مرضي مطابق مريضن کي مجبور ڪري سندن سيزر ڪن ٿا جيڪو عمل ۾ هتان جي غريب توڙي عام ماڻهوءَ لاءِ نقصان ده آهي ان جي روڪٿام به ٿيڻ گهرجي جڏهن ته اسپتال جي مئنيجمينٽ سائيڊ جي مختلف شعبن جي ماهرن به مختلف معاملن تي ڪين آگاهي ڏني بريفنگ بعد ڊاڪٽر خالده سڪندر منڊرو صحت کاتي بدين جي ضلع آفيسر ظهير احمد ميمڻ کي شڪايتن جي فوري ازالي لاءِ بروقت هدايتون جاري ڪيون

بقايا سنڌيار 30

صحافين ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن شهيد جان محمد مهر جي قتل خلاف صدر پريس ڪلب شفيق مهر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي جيڪا، نور مصطفي چونڪ کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي ريلي ۾ شريڪ صحافين راڻا خليل راجپوت، مور خان جتوئي، قادرداد مهراظهر ميراڻي، الطاف ڪڪراڻي، طاهر پنهور،سليم سومرو، مشتاق سولنگي، سراج انڙ، محڪم الدين مهر، شهمير جمالي ۽ حبيب الله ڪمبوه سول سوسائٽي جي اڳواڻن بابر خان،وفا عباسي، عتيق پٺو،سيد انيس شاهه اياز علي شاهه دلشاد پٽي ۽ مشتاق سومرو، زوار غوث بخش شيخ حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو ته شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪري، صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي شعور وند سياسي سماجي ۽ صحافي شخصيتن کي ابدي ننڊ سمهاريو پيو وڃي، هنن حڪومت سنڌ کان پرزور مطالبو ڪيوجان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 31

. متاثر ضلعن ۾ ايچ آءِ وي جي روڪٿام لاءِ ٺڪرا قدم کنيا ويا، ٽاسڪ فورس پاران 4 هفتن جو زبردست ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو جتي لاڙڪاڻي ۽ ٻين ضلعن جي مختلف تعلقن ۾ 475 کان وڌيڪ انسداد عطائيت جون ڪارروايون ڪيون ويون. SHCC رتوديرو، ڏوڪري ۽ نئون ديرو سميت مختلف عطائيت کان متاثر علائقن ۾ الڳ اينٽي ڪوڪيري يونٽ مقرر ڪيا. جنهن ڪانپوءِ لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور، قمبر/شهدادڪوٽ، ڪشمور ۽ جيڪب آباد سميت ٻين ضلعن ۾ "ڪوئڪس" خلاف مڪمل ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو گذريل 4 هفتن ۾ SHCC ريگوليشنز 2017 جي سيڪشن U/S 39_i(h) تحت 91 غير قانوني 'عطائي' ڪلينڪ سيل ڪيا ويا . جتي جعلي طبي عملن جي نشاندهي ڪئي وئي انهن سڀني غير معياري صحت جي سارسنڀال ڪندڙ عملي کي سيل ڪيو ويو ۽ سيڪشن U/S 35(ii) ۽ 35(iii) U/S تحت ٻيهر سيل ڪيو ويو ان کان علاوه، 160 صحت جي سار سنڀار جي ادارن کي SHCC ايڪٽ 2013 جي تحت، قانون جي تعميل ۾ مناسب ڏنو ويو اضافي طور تي، خراب عمل غفلت ۽ ٻين پاليسين جي ڀڪوڙي 196 وارننگ نوٽيس جاري ڪيا ويا تي، ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ آفيس جي مڪمل سهڪار سان، ڊي سي ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس لاڙڪاڻو ٻنهي کي متحرڪ ڪيو ويو ته جيئن ايچ آءِ وي_ آئوٽ برڪ ڪنٽرول ايڪشن پلان تحت SHCC جي مدد ڪن ٽاسڪ فورس سيل ڪيل ڪلينڪ تي نگراني ڪرڻ ۽ جاري ڪيل "انتباهن" تي عمل جي جانچ ڪرڻ لاءِ هڪ منصوبو پڻ جوڙيو آهي. هوڏانهن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو کان ضلعي ايس ايس پي جي معرفت، ڪلينڪن جي "غير قانوني ڊي سيلنگ" خلاف ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪري وڌيڪ سهڪار جي درخواست ڪئي وئي. ميڊيا جي محاذ تي ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته ميڊيا جي مثبت ڪردار ۽ ميڊيا آئوٽليٽس جي معتبر رپورٽنگ وقت جي ضرورت آهي ته جيئن ايچ آءِ وي ڪنٽرول پلان تحت عوام ۾ شعور پيدا ڪيو وڃي. هفتيوار رائونڊ اپ گڏجاڻين دوران، ٽاسڪ فورس ضلعي هيلٿ آفيسرن کي پڻ گذارش ڪئي ته اهي 'ڪوئڪ' ڪلينڪس جي صحيح لسٽ فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ته جيئن گڏيل ڪوششن ذريعي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي سهڪار سان اهڙن ڌوهارين خلاف وڌيڪ سخت ڪارروائيون ڪري سگهجن. ايندڙ مرحلي ۾ وڌيڪ افرادي قوت ۽ متحرڪ وسيلا حاصل ڪرڻ بعد صوبي جي ٻين حصن ۾ آپريشن ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 32

ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ چورن جي راڄ قائم هجڻ سبب گذريل رات نامعلوم چور حاجي عبدالڪريم خان مهرجي پلاٽ وٽان بگو شير فيڊر جي ڪيترن ئي ٻارهن هزار ڪنين جون تارون لاهي چوري ڪري کڻي ويا جنهن سبب ڪيترائي ڳوٺ بجلي جي سهولت کان محروم ٿي ويا جنهن بجلي جي تارن جي چوري خلاف مختلف ڳوٺاڻن پاران عبدالجبار آرائين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن ميڊيا کي ٻڌايو ته ڪينٽ پوليس جي نااهلي گذريل رات نامعلوم چور بگو شير فيڊر جي ڪيترن ئي ڪنين جون تارون لاهي چوري ڪري کڻي ويا آهن هنن احتجاج ڪندي ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل تارون واپس ڪرائي چوري ۾ ملوث چورن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري علائقي ۾ امن بحال ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 33

۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي اباڻي قبرستان مصري شاهه ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ۽ ان جي تعزيت جو سلسلو پڻ جاري هو جنهن جو ٽيجهو گذريل ڏينهن ٿي گذريو مرحوم جي روح جي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني ڪرائي دعا گهري وئي، جنهن ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب جي صحافي الطاف شاهه شيرازي، پاڪستان جنرلسٽ جا اڳواڻ الطاف ٽنيو پرويز شاهه عباسي، ڊي ايچ او سجاول محمد حنيف ميمڻ ، داؤد امر، هندو پنچائت جو صدر ڊاڪٽر هوت چند، اڳوڻو ڊي اي او هريش ڪمار، واپاري اڳواڻ نياز پٽي، نزاڪت شاهه، اي بي اين نيوز جو رپورٽر خالد طاهراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي،

بقايا سنڌيار 34

عليه السلام ۽ مولا جي جانثارن کي شهيد ڪرڻ بعد آل محمد جن کي قيد ڪيو ويو، مولا سجاد عليه السلام کي ٻيبي سان گڏ شام، ڪوفي جي بازارن ۾ گهمايو ويو، شام جي بازارن ۾ آل محمد جن جي مٿان پٿرن جي برسات وسائي وئي، مقررين جو چوڻ هو ته مولا سجاد عليه السلام ڪربلا کان بعد 35 سال ڪربلا جي شهيدن ۽ شام ۽ ڪوفي جي بازارن کي ياد ڪندي رت روئيندو رهيو ايتري قدر مولا سجاد عليه السلام جن جي شهادت کان بعد به رت روئيندو رهيو مولا جو ڪفن سمورو رت سان ڳاڙهو ٿي ويو مجلس عزا کان بعد ماتمي جلوس بر آمد ڪيو ماتمي جلوس ۾ مومنين سينازني سان عزاداري ڪري حيدر چوڪ تي پهچي عزادارن زنجيرن، چاقن، گرزن سان عزاداري ڪري آل محمد کي پرسو ڏنو ويو

بقايا سنڌيار 35

الزامن کي رد ڪري ڇڏيو آهي، معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جي والدين ميڊيا تي پنهنجو موقف ڏيندي چيو ته معصوم نيگري جي موت جو ڪارڻ ڪجهه عرصي کان بيمار هجڻ آهي قتل جا الزام بي بناد آهن جڏهن ته سوشل ميڊيا تي نينگري جي جسم ۾ تي تشدد جا نشان نظر اچي رهيا هئا البت نينگري جي والد ۽ والده جي بيان ڪانپوءِ معاملي جورخ منجي رهيو آهي، ٻئي طرف ايس ايس پي خيرپور طرفان واقعي جي شفاف جاچ جو حڪم پريس رليز وسيلي جاري ڪيو آهي مڪمل جانچ بعد اصل حقيقت سامهون ايندي ذريعن کان معلوم ٿيو آهي خانواڻ جي رهواسڻ نينگري رانيپور جي ڪنهن پيرجي حاويلي‘ تي ڪم ڪندي هئي جڏهن ته پاڪستان جي قانون ۾ ننڍي عمرجي ٻارن کان پورهيو ڪرائڻ قانوني جرم آهي، اميد ته سڀئي رخ سامهون رکي پوليس جانچ ڪندي ،

بقايا سنڌيار 36

ڪوٺايو ويو سيمينار جي صدارت يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو ڪئي، جڏهن ته ضلعي ڪائونسل خيرپور جو وائيس چيئرمين سيد فهد علي شاهه جيلاني خاص مهمان هو پينلسٽ ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن سنڌ جو چيئرمين اقبال احمد ڏيٿو عبدالله دايو پروگرام ايڊوائيزر ايف اي ايس پاڪستان، سرائي نثار احمد خاصخيلي چيئرمين ٽائون ڪاميٽي فقير آباد . سيد جمن شاهه چيئرمين ٽائون ڪميٽي پريالوءِ ايڊوڪيٽ غزالا ڪاشف وائيس چيئرپرسن يونين ڪاميٽي جيئي شا سڪر شامل هئا. ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو صدارتي خطاب ڪندي چيو ته نوجوان سماج جي وڏي قوت آهن. مڪاني حڪومتن جي نظام ۾ نوجوانن جي شموليت وقت جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته مڪاني حڪومتن جو نظام پارليامينٽ جي بنيادي نرسري آهي جنهن سان جمهوري عمل ۽ پارليامينٽ مضبوط ٿيندي. هن نوجوانن کي صلاح ڏني ته اهي مڪاني ڪائونسلرن سان سهڪار ڪن ۽ پنهنجن علائقن ۾ مثبت ۽ صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺن ته جيئن عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ خدمت جي تصور کي فروغ ڏئي سگهجي. هن نوجوانن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي تعليمي سرگرمين سان گڏوگڏ پنهنجي خاندان جي بهتري، ڪردار سازي ۽ شخصيت سازي تي ڌيان ڏين. سيد فهد علي شاهه جيلاني چيو ته وقت جي ضرورت آهي ته نوجوانن کي صحيح سمت ڏيکاري وڃي ته جيئن هو پنهنجي ذهن ۾ علمي جستجو مقابلي، رواداري ۽ سماج لاءِ عوامي شموليت جو تصور بيدار ڪري سگهن. هن شاگردن کي نصيحت ڪئي ته هو تعميري سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺن چو ته شاگرد قوم جو مستقبل آهن ان ڪري ڪين سماج ۾ حصو وٺندڙ انداز تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته خيرپور ضلعي جي عوام جي خدمت ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي ۽ هر ممڪن شهري سهولتون فراهم ڪرڻ پڻ اسانجي اولين ذميواري آهي. هن وائيس چانسلر پاران شاگردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيو. مذاڪري دوران نوجوانن جي شموليت لاءِ مختلف تجويزون پيش ڪيون ويون. پينلسٽن نوجوانن جي معاشي، سياسي ۽ سماجي شموليت تي زور ڏنو هنن اها به صلاح ڏني ته نوجوان چونڊ عمل جي رجسٽريشن ۾ ڀرپور حصو وٺن. مڪاني ادارن واري نظام ۾ نوجوانن جي نمائندگي 5 سيڪڙو مان وڌائي 30 سيڪڙو ڪئي وڃي. انهن کي شهري تعليم ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. مڪاني نظام لاءِ يونيورسٽي سطح جو نصاب تيار ڪيو وڃي. جيڪو هن وقت چند شعبن تائين محدود آهي. حڪومت پاران تيار ڪيل نوجوانن جي پاليسي تي عمل ڪيو وڃي. صوبائي حڪومتن کان اختيار مڪاني حڪومتن کي منتقل ڪيا وڃن. سياسي پارٽيون نوجوانن کي مڪاني ۽ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڀرپور موقعا فراهم ڪن. عورتن ۽ خواجا سرائن کي چونڊ عمل ۾ جاءِ ڏني وڃي. نوجوانن کي سول ڊفينس، اين ڊي ايم اي، ۽ پي ڊي ايم اي ۾ شراڪت ڏني وڃي ته جيئن سندن اعتماد ۾ اضافو ٿئي ۽ خدمت جو جذبو پيدا ٿئي. مڪاني حڪومتن جي مد ۾ بجيٽ جي ورهاست لاءِ ضلعي فنانس ڪميشن جوڙي وڃي ۽ وقت سر ڪائونسلز کي فنڊ جاري ٿي سگهن . ڪائونسلرن جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ سنڌ رورل ڊولپمينٽ اڪيڊمي جي طرز تي رورل ڊولپمينٽ اڪيڊمي ۽ لوڪل گورنمينٽ اڪيڊمي هر ڊويزنل هيڊ ڪوارٽرز ۾ قائم ڪئي وڃي ته جيئن لوڪل گورنمنٽ سرشتي جي صلاحيتن کي اجاگر ڪري ۽ وڌائي سگهجي. سيمينار ۽ مذاڪري جي آخر ۾ ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ موضوع تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو بسوا جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر خادم حسين ميراڻي سيمينار جا مقصد پيش ڪيا. سيمينار ۾ استادن، شاگردن، سول سوسائٽي جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڊاڪٽر علي رضا لاشاري انچارج اسٽوڊنٽ سوسائٽيز سينٽر اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏنا.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com